REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 13 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 28 جمادي الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 197

يارنهن سال قيد جي سزا ڪالعدم قرار: نوازشريف العزيزيه ريفرنس مان بري

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪان پوءِ دليل مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ نوازشريف جي سزا جي خلاف فيصلو محفوظ ڪري ورتو

ڪيس جو فيصلو ٻڌڻ ڪان پوءِ نوازشريف روانو ٿيو ته عدالت ٻاهران موجود سنڌس وڪيلن نعريبازي ڪئي، ٻڌڻي جي موقعي تي عدالت جي اندر ۽ ٻاهر پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي

عدالت جي اندر(ن) ليگ جي حمايتي وڪيلن جو وڏو انگ ۽ عدالت جي ٻاهران(ن) ليگ ڪارڪنن جو وڏو انگ موجود هو

نوازشريف کي احتساب عدالت 24 ڊسمبر 2018 تي نيب جي العزيزيه اسٽيل مل ريفرنس ۾ 7 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي

نيب نوازشريف جي خلاف 3 ريفرنس داخل ڪيا هئا ۽ نوازشريف ٽنهي ريفرنس مان باعزت بري ٿي چڪو, فليگ شپ ريفرنس نيب طرفان واپس وٺڻ تي ختم ڪيو ويو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مختصر فيصلو ٻڌائيندي العزيزيه ريفرنس ۾ نوازشريف جي سزا جي خلاف اپيل منظور ڪندي ڪيس ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ر د) عدالت العزيزيه اسٽيل ملز ريفرنس ۾ 11 سال قيد جي سزا ڪالعدم قرار ڏيندي مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف کي بري ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اڄ العزيزيه ريفرنس ۾ سزا جي خلاف نوازشريف جي اپيل تي ٻڌڻي ٿي. چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪان پوءِ دليل مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ نوازشريف جي سزا جي خلاف فيصلو محفوظ ڪري ورتو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مختصر فيصلو ٻڌائيندي العزيزيه ريفرنس ۾ نوازشريف جي سزا جي خلاف اپيل منظور ڪندي ڪيس ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: ن ليگ سربراھ ميان نواز شريف ڪورٽ ۾ پيشي لاءِ اچي رهيو آهي

لاڙڪاڻي بورڊ جي چيئرمين تي هراسمينٽ الزام ثابت، عهدي تان هٽايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) لاڙڪاڻي تعليمي بورڊ جي چيئرمين نسير الدين ميمڻ تي هراسمينٽ جا الزام ثابت ٿيڻ بعد وڏي وزير ڪيس عهدي تان هٽائي ڇڏيو عورتن جي صوبائي محتسب ٻاران عورت کي هراسان ڪرڻ وارو الزام ثابت ٿيڻ بعد لاڙڪاڻي تعليمي بورڊ جي چيئرمين کي ترمينيٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هوصوبائي محتسب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو مختلف علائقن ۾ آپريشن، 23 فوجي جوان شهيد، 27 دهشتگرد مارجي ويا

ڊيره اسماعيل خان ۾ 11 ۽ ڊسمبر جي رات دير سان دهشتگردن جون سرگرميون ڏسڻ ۾ آيون جنهن تي ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي درازنده ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو

6 دهشتگردن داراٻن ۾ سيڪيورٽي فورس جي پوسٽ تي حملو ڪيو جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز چوڪي تي دهشتگردن جي داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام بنائي ڇڏي

دهشتگردن بارودي مواد سان ڀريل گاڏي کي چوڪي سان ٽڪرائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ ڌماڪن سبب عمارت ڪري پئي جنهن سبب ڪيترين ئي فوتگيون ٿيون

دهشتگردن جي حملي دوران علائقي ۾ موجود سمورا 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته ان دوران 23 بهادر سپاهي به شهيد ٿي ويا: آءِ ايس پي آر

ڪلاچي ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي گهيرو ويو جنهن دوران چٽي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 2 بهادر جوان شهيد ٿي ويا

راولپنڊي (م ر د) سيڪيورٽي فورسز جي ڊيره اسماعيل خان ۾ مختلف ڪاررواين دوران 27 دهشتگرد مارجي ويا آهن جڏهن ته ان دوران پاڪ فوج جا 23 جوان به شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب ڊيره اسماعيل خان ۾ 11 ۽ ڊسمبر جي رات دير سان دهشتگردن جون سرگرميون ڏسڻ ۾ آيون جنهن تي ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي درازنده ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڊي: فوجي اهلڪار آپريشن دوران هڪ جڳهه ۾ بيٺل آهي

پاڪستان اهو ملڪ آهي جتي 12 سالن کان پوءِ صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي: بلاول

مون 2018 ۾ ڪيس ٻڌڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي. اسان کي ذوالفقار علي ڀٽو جي لاءِ انصاف گهرجي

مون کي انصاف ڏنو وڃي ۽ قوم کي ٻڌايو وڃي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بي قصور هو

جسٽس قاضي فائزعيسيٰ تي 100 سيڪڙو ڀروسو آهي هُن چٽن لفظن ۾ چئي ڇڏيو آهي ته 8 فيبروري ڀٽر تي لڪيل آهي ته چونڊون ٿينديون

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڳوڻي ايس ايس پي راؤ انوار بابت چيو آهي ته هي جن جو راندڪو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پوليس ۽ فورسز تي حملا ڪندڙ ناقابل معافي آهن: بلاول/ آصف زرداري

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڀٽو جي ڦاهي تي صدارتي ريفرنس جي 11 ورهين ڪانپوءِ ٿيندڙ ٻڌڻي جنوري تائين ملتوي، 9 عدالتي مددگار مقرر

چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر بئنچ ذوالفقار علي ڀٽو جي سزا بابت صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي

پ پ طرفان وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ ۽ اٽارني جنرل منصور عثمان روسٽرم تي موجود هئا

ڪنهن صدر صدارتي ريفرنس واپس نه ورتو ته اهو هاڻ به عدالت جي اختيار ۾ آهي ؟ چيف جسٽس

اسلام آباد (م ر د) سپريم ڪورٽ ذوالفقار ڀٽو صدارتي ريفرنس ۾ عدالت جي مدد لاءِ 9 مددگار مقرر ڪري ڇڏيا. چيف جسٽس جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف زرداري عدالتي ڪارروائي ڏسڻ لاءِ ويٺل آهن

اعتزاز احسن جي ڀٽو صدارتي ريفرنس تي عدالتي مدد ڪان معذرت

اسلام آباد (م ر د) سينيئر سياستدان اعتزاز احسن ذوالفقار ڀٽو صدارتي ريفرنس ۾ عدالتي مدد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

دهشتگرد مذموم مقصدن ۾ ڪڏهن به ڪامياب نٿا ٿي سگهن: سرفراز بگٽي

شهيدن جي خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون : وفاقي گهرو وزير

يوريا ڀاڻ جي حوالي سان مصنوعي بحران پيدا ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران گهرو وزير سرفراز احمد بگٽي ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگرد حملي جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته دهشتگرد پنهنجي ناپاڪ مقصدن ۾ ڪڏهن به ڪامياب نٿا ٿي سگهن. اسلام آباد ۾ توانائي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جواد ايس خواجه قومي ڏوهارين کي رليف ڏيارڻ چاهي ٿو: راڻا ثناءُالله

جواد ايس خواجه پنهنجي پوزيشن کي استعمال ڪندي اعليٰ عدليه کي ورهائڻ چاهي ٿو

9 مئي جا ڏوهاري ملڪ ۽ قوم جا ڏوهاري آهن جيڪي ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن

لاهور (م ر د) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ راڻا ثناءالله چيو آهي ته جسٽس(ر) جواد ايس خواجه پنهنجي اعتراض جي ذريعي قومي ڏوهارين کي رليف ڏيارڻ چاهي ٿو سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ راڻا ثناءالله چيو ته جواد ايس خواجه جو سويلينز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عدالتي فيصلن اربين ڊالر جو نقصان ڪيو، جج به صادق امين نه رهيا آهن: فيصل واوڊا

اسان بدقسمتي سان اسان جي ملڪ ۾ هر شيءِ ڀريان پنهنجي آهي، ڀريان آئين، ڀريان قانون آهي

اسان ڊفينس لائين سائيڊ تي لڳائي ڇڏي آهي. اسان فوج کي ڪناري تي لڳائي ڇڏيو

اسٽيل ملز ۽ پي آءِ اي اربين روپين جو نقصان ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي معاملي کي به عدالت اٿارڻ واري آهي

اسلام آباد (م ر د) اڳوڻي سينيٽر فيصل واوڊا چيو آهي ته جيڪڏهن اسان صادق ۽ امين نه رهياسين ته جج به صادق ۽ امين نه رهيا. اڳوڻي سينيٽر فيصل واوڊا چيو ته پارٽ ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ سيڪيورٽي ڊفينس لائين جي جڏهن به ڳالهه سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سپريم ڪورٽ جا هٿ ذوالفقار ڀٽو جي خون سان رڱيل آهن: آصف ڀٽو

سپريم ڪورٽ هاڻي ماضيءَ ۾ هڪ فوجي آمر جي دٻاءَ ۾ ڪيل فيصلي کي ختم ڪري سگهي ٿي

اسان کي دعا ڪرڻ گهرجي ۽ اميد ڪرڻ گهرجي ته معزز جج اڄ هن شرمناڪ فيصلي کي ختم ڪري ڇڏيندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) آصف ڀٽو زرداري ٽوئيٽ ڪندي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جا هٿ ذوالفقار ڀٽو جي خون سان رڱيل آهن. سپريم ڪورٽ جا هٿ 40 سال کان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي خون سان رنگيل آهنٽوئيٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي ڪيس، پيش رفت رپورٽ طلب

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

جي آءِ ٽي جون ڪيترون ٽيسٽون ڪيون ويون؟ گم ٿيل ماڻهن جو اڃا تائين پتو ڇو نه پيو ملي؟ : جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت جاچ آفيسر کي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش رفت رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ وارن کي الله جي حوالي ڪريان ٿو: حمزا شهباز

عدالت سان ڏوکو ڪيو ويو، پي ٽي آءِ جي باني جي حڪومت ۾ ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا

ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ وارا اڄ به ڪٺهڙي ۾ آهن، عوام جي مستقبل لاءِ سيني کي جامع حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي

لاهور (م ر د) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ حمزا شهباز چيو آهي ته ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ وارن کي الله جي حوالي ڪريان ٿو لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي حمزا شهباز چيو ته عدالت سان ڏوکو ڪيو ويو. پي ٽي آءِ جي باني جي حڪومت ۾ ڪوڙا ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سوئي سدرن گيس مهانگي ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

سوئي سدرن گيس جي قيمت ۾ 226.18 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو روزاني اضافو گهري ورتو

ڪمپني جي نئين سراسري گيس قيمت 1696 روپيه 39 روپيه مقرر ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر د) سوئي ناردرن کان پوءِ سوئي سدرن به سنڌ جي لاءِ گيس مهانگي ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. سوئي سدرن گيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

منهنجي خلاف سپريم جوڊيشل ڪونسل جي ڪارروائي ڪوڙ تي ٻڌل آهي: جسٽس مظاهر نقوي

هاڻ هي معاملو اداري جو آهي. ڇا سپريم ڪورٽ انهي معاملي تي مون سان گڏ بيهندي؟

مان سياسي ايليٽ جي هٿن ۾ نه ڪيڏيو آهيان انهي جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڀوڳي رهيو آهيان

اسلام آباد (م ر د) سپريم جوڊيشل ڪونسل جي ڪارروائي خلاف جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي چيف جسٽس آف پاڪستان کي خط لکي ڇڏيو آهي. تفصيل موجب چيف جسٽس ڏانهن لکيل خط جي متن ۾ لکيو ويو آهي ته منهنجي خلاف سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ وٽ 70 سيڪڙو عوامي اڪثريت آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

جيڪڏهن بيٽ جو نشان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اها 70 سيڪڙو عوام جي بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي هوندي: بئريسٽر گوهر

170 پارٽين چونڊون نه ڪرايون جيئن اسان ڪرايون، اليڪشن ڪميشن کي درخواست آهي، هي عوام جي بنيادي حقن جو مسئلو آهي

اليڪشن ڪميشن آئيني ادارو آهي، اسان ان تي يقين رکون ٿا، اسان کي ليول پلينگ فيلڊ ناهي ملي رهيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي ته هن وقت پي ٽي آءِ وٽ 70 سيڪڙو اڪثريت آهي. اليڪشن ڪميشن ٻاهران علي ظفر سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر گوهر جو چوڻ هو ته جيڪڏهن بيٽ جو نشان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اها 70 سيڪڙو عوام جي بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي هوندي. بئريسٽر گوهر جو چوڻ آهي ته 170 پارٽين چونڊون نه ڪرايون جيئن اسان ڪرايون. اليڪشن ڪميشن کي درخواست آهي. هي عوام جي بنيادي حقن جو مسئلو آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي علي ظفر چيو ته اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: تحريڪ انصاف چيئرمين بئريسٽر گوهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پي ٽي آءِ ۽ باني ۽ بشرا بي بي جي عبوري ضمانت ۾ واڌ

پي ٽي آءِ جي باني خلاف 6 ڇڻن ۽ بشرا بي بي جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي

درخواستن تي ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج طاهر عباس سپرا ڪئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ پي ٽي آءِ جي باني بشرا بي بي جي عبوري ضمانت ۾ واڌ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ ڪابينا، سنڌ حڪومت جو چهرو آهي : محمد احمد شاهه

ثقافت ماڻهن کي ڳنڍڻ جو سڀ کان وڏو اوزار آهي. نگران حڪومت وٽ محدود مينڊيٽ آهي

عوامي جي ڀلائي جا ڪم ڪرڻا آهن ۽ عوام کي ان ڪارڪردگيءَ کان آگاهه رکڻو آهي

هي پريس ڪانفرنسون ان سلسلي جي هڪ ڪڙيون آهن : پريس ڪانفرنس دوران اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات، اقليتي معاملن، سماجي تحفظ واري نگران وزير محمد احمد شاهه ۽ قانون، انساني حقن ۽ مذهبي معاملن واري نگران وزير عمر سومرو سان گڏ سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ڪابينا، سنڌ حڪومت جو چهرو آهي. هن چيو ته ثقافت ماڻهن کي ڳنڍڻ جو سڀ کان وڏو اوزار آهي. نگران حڪومت وٽ محدود مينڊيٽ آهي پر عوامي جي ڀلائي جا ڪم ڪرڻا آهن ۽ عوام کي ان ڪارڪردگيءَ کان آگاهه رکڻو آهي. هي پريس ڪانفرنسون ان سلسلي جي هڪ ڪڙيون آهن. پريس ڪانفرنس ڪندي نگران صوبائي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: نگران وزير محمد احمد شاهه ۽ قانون، انساني حقن ۽ مذهبي معاملن واري نگران وزير عمر سومرو پريس ڪانفرنس ڪندي

وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو

مانيٽري پاليسي ڪميٽي اجلاس ۾ وياج جي شرح برقرار رکڻ جو فيصلو ٿيو

مالي سال 24 جي ٻين ٽن مهينن ۾ مهانگائي گهٽجڻ جو امڪان آهي : اسٽيٽ بئنڪ

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وياج جي شرح 22 سيڪڙو تي برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي ٻڌايو ويو موجب مانيٽري پاليسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستاني ليڊرن جي چونڊن ۾ اسان جو ڪو به ڪردار ناهي: آمريڪا

سمورن معاملن تي پاڪستان جي حڪومت سان ڳالهه ٻولهه جاري رکنداسين : آمريڪي پرڏيهي کاتي جو ترجمان ميٿيو ملر

افغانستان، پاڪستان وچ ۾ مختلف مسئلن جي سفارتي حل جي حمايت ڪريون ٿا

اڳوڻن افغان پارليامينٽ ميمبرن کي ڪرپشن تي نامزد ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ڪري رهيا آهيون

واشنگٽن ڊي سي (م ر د) آمريڪا چيو آهي ته پاڪستاني ليڊرن جي چونڊن ۾ اسان جو ڪو به ڪردار ناهي. اسان پاڪستاني عوام جي چونڊيل قيادت سان ڳالهائيندا آهيون. آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر پريس بريفنگ ۾ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊون اسان جي نظر ۾ صحيح نه آهن: چيف اليڪشن ڪمشنر

اليڪشن ڪميشن جي حڪم تي اعتراضن جي باوجود انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون : بئريسٽر علي ظفر

ساڳئي ڪيس کي هلائڻ اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي، پي ٽي آءِ پنجن سالن ۾ انٽرا پارٽي چونڊون نٿي ڪرائي سگهي : چيف اليڪشن ڪمشنر

پي ٽي آءِ پنج سالن کان پوءِ جيڪي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون اهي اسان جي نظر ۾ صحيح نه آهن

اسلام آباد (م ر د) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چيو آهي ته پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊون اسان جي نظر ۾ صحيح نه آهن. اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

فاطمه ڦُرڙو ڪيس: ڊي اين اي نمونن جي مس هينڊلنگ جو خدشو ظاهر

انڪوائري ۾ واضح ٿيو ته فاطمه جا سيمپلز ڀريان ڊي اين اي ليب جامشورو منتقل ٿيا : ڊاڪٽر وحيد

سيمپلز مان ملندڙ رزلٽ کي شڪي ماڻهن سان ملايو ويندو

خيرپور (رپورٽر) رانيپور جي پيرائي حويلي ۾ زيادتي بعد تشدد سبب فوت ٿي ويل ٽينگري فاطمه ڦرڙو جي قتل ڪيس انڪوائري ڪميٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سکر: جان محمد مهر جي ڪيس ۾ گرفتار 3 سهولتڪار ضمانت تي آزاد

سکر جي عدالت مک جوابدارن کي پناهه ڏيڻ جي الزام هيٺ گرفتار ٽن جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي

ضمانت تي آزاد جوابدارن ۾ عاقل ڏاريجو، اميد علي قادراڻي ۽ سرور مصراڻي جتوئي شامل

سکر (رپورٽر) سکر جي عدالت، شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن کي پناهه ڏيڻ جي الزام هيٺ گرفتار ٽن جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي سکر جي دهشتگردي ترڙ عدالت جي جج عبدالرحمان قاضي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لکين بجلي صارفين کي واڌو بل موڪلڻ جو اعتراف

پاور ڊويزن نيپرا جي جاچ تي شروعاتي رپورٽ تيار ڪري ورتي

پاور ڊويزن 3 لک 81 هزار 510 خراب ميٽرن مان وڌيڪ بلنگ جو به اعتراف ڪيو

اسلام آباد (م ر د) پاور ڊويزن لکين صارفين کي واڌو بلنگ جو اعتراف ڪري ورتو پاور ڊويزن وڌيڪ بلنگ، خراب ميٽرن ۽ صارفين جا سليب تبديل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان آزاد جمون ڪشمير جو وزيراعظم ملاقات ڪندي

اسرائيلي فوج جي بمباري، 200 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد

اسرائيلي فوج غزه مان به درجنين ماڻهن کي اغوا ڪري ورتو آهي : رپورٽ

خان يونس جي اترين محاذ تي ٻن اسرائيلي ٽينڪن کي راڪيٽ سان نشانو بڻايو ويو

غزه (م ر د) غزه ۾ اسرائيلي فوج جي بمباري سبب وڌيڪ 200 فلسطيني شهيد ٿي ويا. سنڌ سماءِ وارن ذريعن موجب شهيدن جو انگ 18 هزار 200 تي ويو آهي جڏهن ته 50 هزار زخمي آهن. رپورٽن مطابق اسرائيلي فوج غزه مان به درجنين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

فاطمه ڪيس بابت ڪُلي نه ٿو ڳالهائي سگهان: عمر سومرو

نگران حڪومت جو ڪم شفاف چونڊون ڪرائڻ آهن، منهنجو ڪم انساني حق جو وقار بلند ڪرڻ آهي

مامري کي گهرو کاتو ڏسي رهيو آهي ، ڊي اين اي رپورٽ پڌري ٿي آهي

سنڌ اسيمبلي کان پريس ڪلب تائين نڪتل ريلي ۾ سول سوسائٽي، شاگردن ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) انساني حقن جي حوالي سان نگران صوبائي وزير محمد عمر جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي آهي. سنڌ اسيمبلي کان پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

HAQOOQ ESSAY
ڪراچي: انساني حقن جي حوالي سان نگران صوبائي وزير محمد عمر ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڊي آءِ جي حيدرآباد ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث 12 پوليس عملدارن کي معطل ڪري ڇڏيو

حيدرآباد (رپورٽر) ڊي آءِ جي حيدرآباد ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث 12 پوليس عملدارن کي معطل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي ۾ اربين روپين جي پاڻي جي چوري پڪڙي وئي

ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ٽين هٽي پل هيٺان ڪارروائي ڪئي

33 انچ قطر جي لائن مان 8 انچ جا 4 ڪنيڪشن ورتا ويا هئا : چيف آپريٽنگ آفيسر اسد الله خان

ڪراچي (م ر د) ڪراچي ۾ ٽين هٽي پل هيٺان ڪارروائي ۾ اربين روپين جي پاڻي جي چوري پڪڙي وئي ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ٽين هٽي پل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

6 ڏينهن ڪم ڪرڻ جي پگهار ملندي آهي: چيف جو جسٽس اعجاز کي خط

منهنجا در توهان سڀني ساٿين لاءِ سدائين کليل آهن، مان انٽرڪام ۽ فون تي به سدائين موجود آهيان

مان پنهنجي اسٽاف کي توهان سان رابطي جو چيو ته اسٽاف ٻڌايو توهان جمعي تي منجهند جو لاهور هليا ويا آهيو

مشورو ڪرڻ ۾ دلچسپي نه هئي ته جنهن ايڪٽ کي توهان معطل ڪيو هو، ان تي عمل ڇو ڪيان ها؟

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سپريم ڪورٽ جي جسٽس اعجاز الاحسن کي جوابي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان نگران وفاقي وزير فواد حسن ملاقات ڪري رهيو آهي

ڊالر 283 رپيا 60 پئسا ۽ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مثبت رجحان

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي شروعات تي آمريڪي ڊالر ڪجهه پئسا سستو ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ ۾ تعليمي بورڊز جي سربراهي ڪمشنرز کي ڏيڻ جو فيصلو

اسٽاپ گيپ ارينج منٽ جي نالي تي بيوروڪريٽس کي چيئرمين مقرر ڪيو ويندو

نواب شاهه بورڊ جي چيئرمين جي عهدي جي چارج ڪمشنر نوابشاهه کي ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليمي بورڊز ۾ ميرٽ تي چيئرمين مقرر ڪرڻ بدران اسٽاپ گيپ ارينج منٽ جي نالي تي بيوروڪريٽس کي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ پريا ڪماري رهائي ڪاميٽيءَ پاران احتجاجي ڪئمپ قائم، نعريبازي

مخدوم بلاول ۽ ريلوي پوليس ڪانسٽيبل زاهد حسين مگرئي جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪئي وئي

ماڻهن جو هن قانون ۽ ان جي ادارن مان ويساهه ختم ٿي ويو آهي، ۽ انهن کي انصاف اڃان تائين ناهي مليو : مظاهرين

ظلم جي انتها اها آهي جو زاهد حسين مگريو پاڻ پوليس ڪانسٽيبل آهي، جنهن جي پٽ کي اغوا ڪيو ويو آهي

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) پريا ڪماري رهائي ڪاميٽيءَ پاران معصوم پريا ڪماري ۽ معصوم علي اصغر مگرئي جي آزاديءَ لاءِ ڪراچي پريس ڪلب آڏو 24 هن ڪلاڪن جي احتجاجي ڪئمپ مخدوم بلاول ۽ ريلوي پوليس ڪانسٽيبل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي : پريا ڪماري رهائي ڪاميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

باهو ڪوسو : ڪوسو گورنمينٽ پرائمري
اسڪول رحيم بخش سومرو جي
ساليانيءَ انسپيڪشن ٿي گذري

باهو ڪوسو (رپورٽس) ڪوسو گورنمينٽ پرائمري اسڪول رحيم بخش سومرو جي ساليانيءَ انسپيڪشن ٿي گذري ڊپٽي ڊي او سيد رياض حسين مير حسن لاشاري آپا صفيه بروهي ۽ ٽي اي او ميڊم نوشين ڪنڌ ٽي اي او زيب النساءَ جي نگراني ۾ شاگردن کان سوال ڪيا ويا ان موقعي تي اسڪول جو سومرو استاف استاد محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز سٽي ايس ايڇ او جي ڪارروائي، منشيات فروش ڊيلر ۽ ساٿي گرفتار

اطلاع ملڻ تي پوليس ڪامياب ڪاروائي ڪندي منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو

مرڪزي منشيات فروش ڊيلر محمود رند مٿان پهريان ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل هئا : پوليس

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عابد بلوچ جي سخت هدايتن تي نوشهروفيروز سٽي ايس ايڇ او سيد عبدالخالق جيلاني سندس ٽيم سان گڏ ڪامياب ڪاروائي ڪندي منشيات فروش ڊيلر محمود رند ۽ سندس ساٿي گرفتار، جدا جدا ڪيس داخل. مرڪزي منشيات فروش ڊيلر محمود رند مٿان پهريان ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل هئا جنهن ۾ ڪڏهن به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو : جهرڪ اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

جسم پاران ليڊي سرجن ڊاڪٽر، ميل ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ سميت گهربل سهوليتن جي اڻهوند خلاف احتجاج ڪيو ويو

مرف اين جي او جي نگراني ۾ هلندڙ اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر، ميل ڊاڪٽرن سميت دوائن جي سخت کوٽ پيدا ٿيل آهي : امجد شورو

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، عملي توڙي دوائن جي کوٽ ختم ڪري اسوتال اينڊ مريضن کي صحت جون بهتر سهولتون مهيا ڪيون وڃن

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي پاران مرف NGO جي زير انتظام هلندڙ جهرڪ اسپتال ۾ ليڊي سرجن ڊاڪٽر، ميل ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي کوٽ سميت گهربل سهوليتن جي اڻهوند خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو جهرڪ لڳ ٺٽو/حيدرآباد قومي شاهراه تي جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي صدر امجد شورو، ڪامريڊ نويد سولنگي، ڪامريڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو : جهرڪ جي اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ضلعي جي واهن ۽ شاخن جي صفائي
سٽرائي ۽ ڪانٽين لاءِ پاڻي جي ساليانيءَ
وارابندي ڪرڻ لاءِ شيڊول جو اعلان

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ايريگيشن کاتي ٺٽي پاران ضلعي جي واهن ۽ شاخن جي صفائي سٽرائي ۽ ڪانٽين لاءِ پاڻي جي ساليانيءَ وارابندي ڪرڻ لاءِ 25 ڊسمبر 2023ع کان 15 جنوري 2024ع تائين 15 ڏينهن پاڻي جي وارا بندي جي شيڊول جو اعلان ڪندي مختلف ادارن کي ليٽر لکندي وارا بندي جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي واٽر بورڊ کي صنعتي مقصدن لاءِ جَر جو پاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ ميٽر لڳائڻ جو حڪم

نگران وڏي وزير جسٽس باقر صنعتڪارن کي سائيٽن جي بنيادي انفرااسٽرڪچر جي ترقي جي خاطري ڪرائي ڇڏي

صنعتن لاءِ مٺي پاڻي کي جَر جي پاڻي سان ملائڻ جي اجازت نه ڏني وئي آهي ڇاڪاڻ جَر جي پاڻي جا مختلف چارجز آهن : وڏو وزير

حڪومت صوبي ۾ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ چاهي ٿي جنهن لاءِ ٺوس قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ڪراچي جي مختلف سائيٽس جي صنعتڪارن جي اجلاس جي صدارت ڪندي واٽر بورڊ کي هدايت ڪئي آهي ته هو جَر جي پاڻي ۽ ميٽرن کي ريگيولر ڪري ڪين ٽيرف اوڳاڙي وڃي. هن چيو ته صنعتن لاءِ مٺي پاڻي کي جَر جي پاڻي سان ملائڻ جي اجازت نه ڏني وئي آهي ڇاڪاڻ جزجي پاڻي جا مختلف چارجز آهن جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان ۾ وڌندڙ بدامني، چورين جي آواز ۽ منشيات جي وڪري جون دانهون

جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري پنهل جمالي، ضلعي صدر ايوب ڪوريجو، صدام زنگيجو ۽ ٻيا پريس ڪلب پهتا

ضلعي اندر بدامني چوٽ چڙهيل آهي روزه مره چورين ڦرون ڌاڙا معمول بڻيل آهن جنهن سبب عوام جو جيئڻ جنجال بڻيل آهي : اڳواڻ

خوف واري صورتحال ۾ مبتلا آهن پر هن سڄي ڪاروهنوار کان نه رڳو پوليس لاتعلق بڻيل آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) جيئي سنڌ محاذ پاران ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ وڌندڙ بدامني، چورين جي آواز ۽ منشيات جي وڪري خلاف جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري پنهل جمالي، ضلعي صدر ايوب ڪوريجو، صدام زنگيجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

PRESS CLUB T.M.KHAN
CLUB T.M.KHAN
پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان
KTN
AWAZ

ٽنڊو محمد خان : جسم اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

مبارڪپور پرسان شادي جو سامان
ڪٽائي ڳوٺ ويندڙ نوجوان ٽريڪٽر
ٽرالي تان ڪري فوت ٿي ويو

ٽڪراڻو (ن سنڌيار) مبارڪپور پرسان شادي جو سامان ڪٽائي ڳوٺ ويندڙ نوجوان ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي سندس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. خبرموجب مبارڪپور جي ڳوٺ اڄيهر واسي 20 ورهين جو نوجوان اڪرم علي پٽ گاهي مهر ٽريڪٽر ٽرالي تي شادي جو سامان ڪٽائي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين ۾ انڊس جي ملازمن پاران احتجاج جاري، نعريبازي

ملازمن بجيٽ جو چيڪ نه ڏيڻ ۽ گذريل ڇهن مهينن جي بجيٽ جاري نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

انسان دشمن صوبائي سيڪريٽري صحت سنڌ انڊس اسپتال جي بجيٽ روڪي ڇڏي آهي : مظاهرين

ٽن ڏينهن ۾ پگهارون جاري نه ٿيون ته ٽن ڏينهن بعد ٽرڪول روڊ بند ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) نگران حڪومت سنڌ جي صحت واري سيڪريٽري پاران ڊاڪٽر سڪندرو ميندڙو (انڊس) اسپتال جي جاري ٿيل بجيٽ جو چيڪ نه ڏيڻ ۽ گذريل ڇهن مهينن جي بجيٽ جاري نه ڪرڻ خلاف انڊس اسپتال جي سوين مرد ۽ عورت ڊاڪٽرن ۽ ٻين ملازمن انڊس اسپتال کان ڊي سي هائوس بدين تائين ٽي ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري ڊي سي ۽ ايس ايس پي هائوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر ۾ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مختلف تنظيمن پاران ريلي

ريلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف هيومن رائيٽس ڊپارٽمينٽ جي آفيسرن ۽ ملازمن، ضلعي انتظاميا جي آفيسرن، مختلف سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي شرڪت

اڄ سڄي دنيا ۾ انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي پر ڪشمير ۾ انسانيت جي توهين جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي : اسسٽنٽ ڪمشنر

انساني حقن جي تنظيم پاران هر سال انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي ته جيئن سماج ۾ انساني حقن جي فراهمي بابت شعور اجاگر ڪيو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مختلف تنظيمن پاران ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ حڪومت، سول سوسائٽي ۽ شهرين جي شرڪت، سمورن ادارن کي انساني حقن جو احترام ڪرڻ گهرجي، ريلي ۾ شريڪ ماڻهن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ان سلسلي ۾ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ملڪ جي ٻين شهرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

GOVERNMENT OF SINDH
HUMAN RIGHTS DEPARTMENT
DIGNITY, FREEDOM AND JUSTICE FOR ALL
AWARENESS WALK
CELEBRATING INTERNATIONAL HUMAN RIGHTS DAY 2023
DIRECTORATE OF HUMAN RIGHTS DEPARTMENT SUKKUR
Equal Rights for All Equality Before the Law
We are All Equal No Discrimination
Equality comes with equal right

سکر : انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

پ پ جي دهشتگردن کي
گرفتار ڪري قانون مطابق سزا
ڏني وڃي : رڪن ڊجيٽل ميڊيا

نصرپور شاهپور (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي مرڪزي رڪن ڊجيٽل ميڊيا چيو آهي ته ڪياماڙي جي علائقي مڇر ڪالوني ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي نامزد اميدوارن تي پيپلز پارٽي جي هٿيار بند جٿي حملو ڪيو آهي، جنهن جي اسين ڀرپور مذمت ڪريون ٿا. عمران قائمي وڌيڪ چيو ته حلقي اين اي 243 ڪياماڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين تعلقي جي ٻوڏ متاثرن جا پئسا نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڊاڪٽر عزيز خاصخيلي، محمد سومار جوٽيجو، عبدالڪريم بجير، انور جمالي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

اين آر ايس پي اينجوز جو ڪرپٽ ڊسٽرڪٽ مينيجر غفار ڪوڪر هڙپ ڪري رهيو آهي : مظاهرين جون دانهون

غفار ڪوڪر لائيو اسٽاڪ کاتي ۾ ٻڻ اڍائي ڪروڙ جي ڪرپشن ڪري غريبن جي حقن تي ڌاڙو هنيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ بدين تعلقي جي ٻوڏ متاثرن جا پئسا نه ملڻ خلاف ڊاڪٽر عزيز خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ متاثرن جو ڀٽهمي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو اين آر ايس پي اينجوز خلاف ڇتي نعريبازي متاثرن کي گهرن جا پئسا فوري طور ڏنا وڃن متاثرن جون دانهون خبر موجب تعلقي بدين جي گهر متاثرن کي گهرن جا پئسا نه ملڻ خلاف ڊاڪٽر عزيز خاصخيلي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهوڙاٻاري جي جوڙي پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

اسان جي پيار پرڻي بعد مائٽ اسان جي جانن جا دشمن بڻجي ويا آهن : جوڙو

جوابدار ساهرن مٿان ڪوڙا ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

چوهڙ جمالي (رپورٽر) گهوڙاٻاري جي جوڙي پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو تحفظ جي اپيل گهوڙاٻاري تعلقي جي ڳوٺ عثمان پارهيڙي جي جوڙي ناري حليمان ڌيءَ عمر پارهيڙي رياض حسين پٽ غلام حسين پارهيڙي سجاول سول ڪورٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪڍڻ-ڊيپلو مين روڊ جي ڪم ۾ ناقص متيريل استعمال ٿيڻ جو نوٽيس

موري ٽٽڻ جون عوامي پريس پاران مسلسل خبرون هلڻ کانپوءِ هاءِ ويز کاتي ۾ ٽرٿلو مچي ويو

هاءِ وي پرووِنشنل کاتي جي عملدارن نوٽيس وٺي ٽٽل موري ٻيهر تعمير ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيو

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ-ڊيپلو مين روڊ جي ڪم ۾ ناقص متيريل استعمال ٿيڻ ۽ موري ٽٽڻ جو عوامي پريس تان مسلسل خبرون هلڻ جو هاءِ وي پرووِنشنل کاتي جي عملدارن نوٽيس وٺي ٽٽل موري ٻيهر تعمير ڪرائڻ شروع ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪڍڻ : ٽٽل موري جو ٻيهر تعميراتي ڪم ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ سگهڙ ۽ شاعر مختيار نظاماڻي سان ادبي رهاڻ رچائي وئي

مختيار نظاماڻي اٽڪ انسان، بهترين سگهڙ ۽ حساس شاعر آهي : غلام مصطفيٰ 'زئور'

مختيار نظاماڻي جي شاعري ۾ نفاست ۽ نزاڪت سان گڏ آسان سادي ۽ سولي ٻولي استعمال ٿيل آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر پاران سنڌي ٻولي جي پلوڙ سگهڙ ۽ شاعر مختيار نظاماڻي سان ادبي رهاڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نصرپور ۾ سنڌي هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ پاران احتجاج

درس، اسد نظاماڻي، مظهر ميرجت، توڪل ڪوسو، طارق دائودپوٽو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جڙتو زرعي انقلاب جي آڙ ۾ سنڌ جي زمين جي نيلامي بند ڪئي وڃي : مظاهرين

نصرپور شاهپور (رپورٽر) سنڌي هاري تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ پاران ساگر درس، اسد نظاماڻي، مظهر ميرجت، توڪل ڪوسو، طارق دائودپوٽو، اعجاز ابڙو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ نصرپور ۾ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. جتي خطاب ڪندي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورساڪرو پاران ٻج جي دڪانن تي ڇاپا

اي سي پاران ٻه گدام ۽ هڪ دڪان سيل ٻن دڪاندارن تي هڪ لک رپيا ڏنڊ هنيو

ڪارروائي دوران اي سي گڏجي مختلف گدامن تي ڇاپا هڻي ٻه گدام ۽ هڪ سيل ڪري ڇڏيو

گهارو (بشام جوکيو) زميندارن ۽ هارين جي ٻج جي بليڪ تي وڪرو ڪرڻ جون شڪايتون ملڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورساڪرو اقبال احمد ٽنيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گهارو : اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاپن دوران پڇا ڳاڇا ڪري رهيو آهي

ڪجهه پارٽيون چونڊن کان ڀڄڻ چاهين ٿيون : حسين بخش ناريجو

اسان جي پارٽي ٻهرين ڏينهن کان چوندي رهي آهي ته چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن

ماضي ۾ به ڪجهه پارٽيون مڪاني چونڊن کان ڀڄي ويون ۽ ناڪام ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ سائين بخش بنگلاڻي چيو آهي ته اسان جي پارٽي ٻهرين ڏينهن کان چوندي رهي آهي ته چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن، پر ڪجهه پارٽيون چونڊن کان ڀڄڻ چاهين ٿيون، ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي گڏجاڻي منعقد

عبدالرزاق ڪوسو، غلام نبي ميمڻ، عبدالاحد لغاري ۽ ٻين جي شرڪت

غلام نبي ميمڻ جي مرحوم سُهري جي لاءِ ايصال ثواب جي دعا گهري وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 جي عهديدارن جي گڏجاڻي ضلعي صدر خليفه منير احمد عباسي ظاهري جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ عبدالرزاق ڪوسو، غلام نبي ميمڻ، عبدالاحد لغاري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو : جماعت اصلاح المسلمين جي گڏجاڻي جو ڏيک

ٺٽي پرسان ڪراچي ويندڙ بس جو ٽرڪ سان ٽڪر، 7 زخمي

بس بريڪ فيل ٿيڻ ڪري بس پوئين پاسي کان اڳيان ويندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي

زخمين جا نالا عاريان، يوسف، شهزاد، ربڏنو خميسو گندرو 2 ٻيا مسافر شامل

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ڪراچي نيشنل هاءِ وي تي درگاهه محمد علي شاهه پرسان ڪراچي ويندڙ بس جو ٽرڪ سان ٽڪر نتيجي ۾ بس سوار 7 مسافر زخمي ٿي پيا جنهن ۾ 4 عورتن سميت 2 مرد ۽ 1 شامل آهن زخمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

عمرڪوٽ جي رهواسڻ پريمي جوڙي پرڻو ڪري ڇڏيو، تحفظ جي اپيل

اسان جي پيار پرڻي بعد مائٽ اسان جي جانن جا دشمن بڻجي ويا آهن : جوڙو

جوابدار ساهرن مٿان ڪوڙا ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

ناروشاهه (رپورٽر) عمرڪوٽ جي رهواسڻ پريمي جوڙي وسيم احمد پٺاڻ ۽ مهڪ درس نوشهرو فيروز جي عدالت پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو .خبر موجب عمرڪورٽ جا رهواسي پريميڪا ناري مهڪ درس ۽ وسيم پٺاڻ ناروشاهه پريس ڪلب پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ وڪيل برادرس جي مان ۾ لنچ جي تقريب

عبدالستار لهراڻي، ميمبر سنڌ بارڪائونسل ارباب علي چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

اسان جي خاندان سدائين وڪيل ڀائرن لاءِ قربانيون ڏنيون آهن : عبدالستار لهراڻي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ساهتي لائيرس فارم پرپائي ۽ ساهتي لائيرس نوشهروفيروز پاران وڪيل برادرس جي مان ۾ لنچ جي تقريب ڊسٽرڪٽ بار ۾ ڪرائي وئي هن پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ عبدالستار لهراڻي، ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز : آجياڻي واري تقريب ۾ وڪيل اڳواڻ ويٺل آهن

بدين ۾ زمينن تي قبضن ۽ ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

سوين هارين شيل پيٽرول پمپ کان پريس ڪلب ٽنڊو باگو تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو، سخت نعريبازي

سنڌ سرڪار ۽ وفاقي سرڪار زمينون زراعت جي نالي ۾ ادارن ۽ ڌارين حوالي پئي ڪري جيڪو عمل غير قانوني آهي : مظاهرين

هارين ۽ آبادگارن کي مقرر سرڪاري اگهه تي ٻج ڏنو وڃي ۽ سنڌ ۾ پيل سرڪاري زمينون سنڌي بي زمين هارين کي ڏنيون وڃن

بدين/ٽنڊو باگو (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ/ سهيل سمون) سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ ٻج جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي سوين هارين شيل پيٽرول پمپ کان پريس ڪلب ٽنڊو باگو تائين احتجاجي ريلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين : زمينن تي قبضن ۽ ٻج جي بليڪ تي وڪري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪلوئي جي يونين
ڪائونسل ڳڙاٻاپ ۾ رولو
ڪتن جو آزار وڌي ويو

ڪلوئي (رپورٽر) ڪلوئي جي يونين ڪائونسل ڳڙاٻاپ ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو ويه کان پنجويه ڪتن جو ٽولو آهي جنهن پاڳين جا رستا خالي ڪري ڇڏيا آهن ڳوٺ هميرياپا، پيرڄ آباد. پاناٿو. ڪنيالي . ٻانڊو ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڀاڳيا ڪتن جي ڊپ کان سخت سردي ۾ به راتيون جاڳي گذارين ٿا ڪتا رونشي ۽ مستي ۾ اچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان ۾ زيادتي جو شڪار بڻيل نياڻي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

مسلسل احتجاجن باوجود گل بانو خاصخيلي جي وارثن سان انصاف نه ٿيو

بااثر جوابدارن تي شگر ملز انتظاميا جو هٿ هئڻ سبب گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) شيخ پرڪيو فاران شگر ملز ڪالوني ۾ وحشي درندي هٿان زيادتي جو شڪار بڻيل نياڻي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا. مسلسل احتجاجن باوجود گل بانو خاصخيلي جي وارثن سان انصاف نه ٿيو جوابدار جي مٿي فاران شگر ملز انتظاميا جو هٿ هئڻ سبب سندن گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي، ذوليخان فائونڊيشن نوجوان اتحاد ٽيڊي آئيز تنظيم سميت وڪيل برادرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جهڏو ۾ زمينن تي والار، ٻج جي هٽرادو ڪوٽ ۽ عرب شڪارين هٿان ناري جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

عوامي تحريڪ ضلعي صدر امير بخش جروار سنڌي هاري تحريڪ جي اڳواڻ رحيم ڪلوئي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌ جون زمينون عسڪري ادارن ذريعي عرب سرمائيدارن کي ڏيڻ جي فيصلي کي سنڌ جو عوام برداشت نه ڪندو : مظاهرين

سرڪاري زمينون هارين کي مفت ۾ ڏئي هارين کي جديد زرعي مشينري مهيا ڪري زراعت کي هٿي وڃي

جهڏو (سنڌيار) سنڌ جي زمينن تي والار زرعي ٻج جي هٽرادو ڪوٽ عرب شڪارين هٿان ناري جي ڳوناٽي جي قتل خلاف سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي جهڏو ۾ عوامي نگر ٻاڙو جهڏو کان پرائي نيشنل بئنڪ چوڪ جهڏو تائين عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪوسر عوامي تحريڪ ضلعي صدر امير بخش جروار سنڌي هاري تحريڪ جي اڳواڻ رحيم ڪلوئي پريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جهڏو : احتجاج دوران اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ 2024ع لاءِ نون
عهديدارن جي چونڊ جو عمل 16 ڊسمبر
2023ع کان شروع ٿيندو : ڊاڪٽر سعيد اعوان

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي پريس ترجمان ڊاڪٽر سعيد اعوان موجب سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ 2024ع لاءِ نون عهديدارن جي چونڊ جو عمل 16 ڊسمبر 2023ع کان شروع ٿيندو. صوبائي صدر قاضي مشهود احمد صوبائي عهديدران ۽ معاونين جا 4 وفود جو اعلان ڪيو آهي هر سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز پرسان ڦل برادري جي ماڻهن پاران روڊ بلاڪ، احتجاج، نعريبازي

اسان جي 14 سالن جي ناري نالي فرزانه ڌي عبدالواحد ڦل کي 15 ڏينهن اڳ چانڊيا برادري جا ماڻهو اغوا ڪري ويا : مظاهرين

مون کي 6 جوابدار گهر مان هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا ۽ چانهه ۾ نشو ڏئي بيهوش ڪري زيادتي ڪئي : متاثر ناري

ڦل پوليس هڪ جوابدار گرفتار ڪيو آهي، اڃان به اهم جوابدار ۽ اڻ سڃاتل 3 جوابدار رهيل آهن ڪين گرفتار ڪرڻ ۾ سستي پئي ڪري

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز_ڦل لنڪ روڊ نلڪو اسٽاپ تي ڦل برادري جي ماڻهن پاران روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو ويو، احتجاج جي اڳواڻي استاد عبدالقدوس ڦل، محمدي ڦل، عبدالواحد ڦل ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، مظاهرين چيو ته اسان جي 14 سالن جي ناري نالي فرزانه ڌي عبدالواحد ڦل کي 15 ڏينهن اڳ چانڊيا برادري جي ماڻهن حنيف چانڊيو، اختيار علي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شهدادڪوٽ ۾ مڙس تشدد ڪري گهرواري جي مٿي جا وار ڪٽي تذليل ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو

عبدالوهاب بليدي مبينا پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان گڏجي پنهنجي گهرواري عائشه جي مٿي جا وار ڪٽي تشدد ڪيو

مڙس گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪرڻ تي مون کي ڪٽ سان ٻڌي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو هو : متاثر عائشه

معاملي جو نوٽيس وٺي تشدد ڪري تذليل ڪندڙ مڙس خلاف ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ مڙس تشدد ڪري پنهنجي گهرواري جي مٿي جا وار ڪٽي تذليل ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو، متاثر عورت ٿاڻي تي پهچي مڙس خلاف اين سي داخل ڪري انصاف جو مطالبو ڪيس شهر پرسان بي سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شهدادڪوٽ : تذليل جو شڪار عورت مڙس خلاف دانهين رهي آهي

سپريم ڪورٽ ايڪسائيز
انسپيڪٽرس ڪيس ۾ 109 ملازمن
جي حق ۾ اهم فيصلو ڏئي ڇڏيو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سپريم ڪورٽ ايڪسائيز انسپيڪٽرس ڪيس ۾ 109 ملازمن جي حق ۾ اهم فيصلو ڏئي ڇڏيو. ان سلسلي ۾ ايڪسائيز ملازمن سڪندر علي اوڍو، سيف رند، بهادرخان، نادرخان، وحيد علي، سونو پاڳهت، نذير وسير، محمد يوسف ابڙو، اياز کهوڙو، غلام شبير ملاح، حيدار علي ابڙو، چنگيز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن : ميئر ڪراچي

واٽر ڪارپوريشن سياست، مذهب، قوم، ذات پات ۽ نسل جي بنا ڪنهن فرق سمورن شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي

پوري اميد آهي ته شهر جا سمورا اسٽيڪ هولڊر واٽر ڪارپوريشن جي روينيو کي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا ته جيئن واٽر ڪارپوريشن شهرين کي پاڻي ملي سگهي

سمورن ڪليل مين هولز کي ڍڪيو وڃي ۽ پاڻي جي لائينن ۾ موجود سمورن ليڪيجز جو خاتمو آندو وڃي ته جيئن شهر ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين واٽر ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي واٽر ڪارپوريشن سياست، مذهب، قوم، ذات پات ۽ نسل جي بنا ڪنهن فرق سمورن شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي، واٽر ڪارپوريشن شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي بنا ڪنهن وقفي ۽ منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڏڙو پوليس منشيات تي ضابطو آڻڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام، نوجوان اتحاد رتا پاران احتجاج

17 ڊسمبر تي ڏڙو ۾ منشيات خلاف علامتي بک هڙتال ڪرڻ ۽ ٻئي مرحلي ۾ ايس ايس پي آفيس سجاول آڏو احتجاجي ڌرڻي جو اعلان

سجاول جي ايس ايس پي شهلا قريشي ڳوٺ رتا سومرو ۾ کليل ڪچهري دوران منشيات کي مڪمل ختم ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو : مظاهرين

تحريڪ جي پهرئين مرحلي ۾ تاريخ 17 ڊسمبر تي ڏڙو شهر ۾ منشيات خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي

ڏڙو (ن سنڌيار) ڏڙو پوليس منشيات تي ضابطو آڻڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام، نوجوان اتحاد رتا پاران احتجاج، منشيات جي مڪمل خاتمي تائين تحريڪ جي آغاز جو اعلان، 17 ڊسمبر تي ڏڙو ۾ منشيات خلاف علامتي بک هڙتال ڪرڻ ۽ ٻئي مرحلي ۾ ايس ايس پي آفيس سجاول آڏو احتجاجي ڌرڻي جو اعلان، تفصيل موجب ڏڙو ۾ نوجوان اتحاد رتا جي صدر محبت سومرو، دائود سومرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڏڙو : منشيات ۽ ٻين سماجي برائين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي
عمارت جي ڇت جو ملبو ڌماڪي سان
ڌهي پيو ، هڪ صحافي زخمي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي عمارت جي ڇت جو ملبو ڌماڪي سان ڌهي پيو ، هڪ صحافي زخمي، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي عمارت جي پريس ڪانفرنس هال جي ڇت جو ملبو اوچتو ڌماڪي سان ڌهي پيو، جنهن ۾ پريس ڪانفرنس هال ۾ ويٺل هڪ صحافي قادر شورو زخمي ٿي پيو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو ۾ چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر پاران مختلف اسڪولن جا دورا

درسي ڪتاب نه هجڻ، فرنيچر جي کوٽ سميت اسڪولن ۾ سهولتن جي اڻهوند بابت شڪايتون

معصوم سوين ٻارڙا مختلف چمڙي جي بيمارين، ارڙي مليريا، ڪنگهه، بخار ۾ مبتلا آهن : رهواسي

ننڍي عمر جي شادي جي روڪٿام، ٻارڙن تي جنسي، جسماني تشدد بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي : شعيب گوپانگ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر سيد هدايت علي شاهه سماجي تنظيم آئي آر سي جي سهڪار سان ڳوٺ پير مشائخ ۽ ڳوٺ علي محمد مغيري ۾ هلندڙ چائلڊ فرينڊلي اسپيس سيف شلٽر ۽ سرڪاري اسڪولن جا دورا ڪيا. ان موقعي تي اسڪول ۾ پڙهائيندڙ استادن درسي ڪتاب نه هجڻ، فرنيچر جي کوٽ سميت اسڪولن ۾ سهولتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 13 ڊسمبر 2023ع

سنڌ ۾ امن امان جون بدتر حالتون

امن امان هن ملڪ جو ڏاڍو پراڻو مسئلو رهيو آهي. دهشتگرديءَ جا واقعا هجن، ٽارگيٽ ڪلنگ يا وري ڌاڙيلن جي دهشت، هن ملڪ جي ماڻهن کي شڪ جو ساھ کڻڻ جو موقعو گهٽ ئي ميسر ٿيو آهي. بدامنيءَ جي باھ کي سنڌ ڪُجهہ سوايو ئي پوڳيو آهي. هر روز سنڌ ۾ اغوا، ڦرون عام بڻيل آهن. گذريل ڏينهن رپورٽ ٿيل هڪ خبر موجب، غوثپور ويجهو انڊس هاءِ وي تان هٿياربندن پاران ڏينهن ڏٺي ٻن ڄڻن کي اغوا ڪيو ويو آهي. انڙ واھ اسٽاپ وٽ هٿياربندن اوچتو فائرنگ ڪري ڏني. شڪارپور کان ڪشمور ڏانهن ويندڙ هڪ ٽرڪ ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلتي ٿي کڏ ۾ ڪري پئي، هٿياربند ٽرڪ ڊرائيور ۽ ڪلينر کي اغوا ڪري ويا. پوليس پاران واقعي بعد سبزوئي گينگ جي خلاف آپريشن شروع، پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ فائرنگ، هٿياربندن پاران راڪيٽن ۽ اينٽي ايئر ڪرافٽ گنزجي استعمال سبب علائقي ۾ ڌهڪاءُ پکڙيل آهي.

اها حقيقت پڌري پٽ پئي آهي تہ سنڌ جو امن داءَ تي لڳل آهي. قانون هوندي بہ لاقانونيت بار بار نظر ايندي رهي آهي. عام ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت جو ذمو اتي جي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو هوندو آهي پر سنڌ ۾ پوليس ٿاڻن تي بہ حملا ٿيندا رهيا آهن. پوليس پڪٽون تباھ ٿينديون رهيون آهن. اهڪار شهيد ٿيندا رهيا آهن. جنهن جو سبب ڌاڙيلن جي سرپرستي هجڻ آهي. هن وقت بہ سنڌ مان ڪيترائي ماڻهو اغوا ٿيل آهن. سالن کان اهي مغوي ماڻهن کان ڏُور آهن پر خبر ناهي ڇو ڌاڙيلن جون اهي "بستيون" قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بصارت کان پري آهن. انهن مغوين جون خبرون رپورٽ ٿينديون رهن ٿيون. نيوز اسٽوريز هلنديون رهن ٿيون. پريس ڪلبن تي انهن جا وارث پنهنجي پيارن جي بازيابيءَ لاءِ مظاهرا بہ ڪندا رهن ٿا پر خبر ناهي ڇو قانون ۽ انصاف جي ڪَنَ تي جُونءِ بہ ڪانہ ٿي سُري.

جنهن واقعي جو ذڪر پاڻ مٿي ڪري آيا آهيون، ان واقعي ۾ هٿياربندن وٽ اينٽي ايئر ڪرافٽ گن ۽ لانچر هئا، جن ذريعي انهن جو پوليس سان مقابلو ٿيو. اهو سوال بہ پنهنجي جاءِ تي وزن رکي ٿو تہ هٿياربندن وٽ اهي خطرناڪ هٿيار اچن ڪٿان ٿا؟ ڪهڙيون ڌريون آهن. جيڪي انهن حيوان نما هٿياربندن جي سرپرستي ڪري ڌهڪاءُ پکيڙڻ سان گڏ قانون جا بکيا اُڌيڙين ٿيون. سنڌ ۾ امن امان ٿيڻ بدران حالتون وڌيڪ سنگين ٿي ويون آهن. اڳ ۾ ٻڌندا هئاسين تہ پوليس جي ڪم ۾ سياستدانن جي مداخلت هوندي آهي پر هن وقت تہ نگرانن جي حڪومت آهي. ان حڪومت جي ڪهڙين مجبوري آهي جو اها ڌاڙيلن ۽ دهشت ڦهلائيندڙن جي اڳيان مجبور آهي. نگرانن جون تہ ڪي سياسي مجبوريون بہ ناهن، هن وقت آءِ جي پوليس بہ سنڌ جو ناهي، ان تي ڪو سياسي دٻاءُ بہ ناهي تہ پوءِ بہ سنڌ جو امن ۽ سُڪون تباھ ڇو آهي؟ نگران حڪومت جو اهم ۽ بنيادي ڪم صاف شفاف اليڪشن ڪرائڻ هوندو آهي پر اهڙي ماحول ۾ جتي امن امان ئي قائم نہ آهي، ان صورتحال ۾ اها اميد ڪيئن ٿي ڪري سگهجي تہ اليڪشن امن امان واري ماحول ۾ ٿيندي، ڇو تہ جڏهن بہ اليڪشن ٿيندي آهي تہ سياسي مخالفن جا جهيڙا وڌي ويندا آهن. اهڙي صورتحال ۾. جڏهن سنڌ جي صورتحال امن امان جي حوالي سان اڳ ئي خراب آهي. ان ۾ پرامن ماحول ۾ اليڪشن ڪرائڻ خود نگران حڪومت لاءِ هڪ تمام وڏو چئلينج آهي، ڇو تہ هن وقت نگران حڪومت بہ مصلحتن جو شڪار نظر اچي رهي آهي.

اسان هنن ئي ڪالمن ۾ اڳ بہ اهو ئي چوندا رهيا آهيون تہ سنڌ جو امن امان داءَ تي لڳل آهي، سنڌ ۾ هٽ وٺي بدامنيءَ جي باھ پڙڪائي ويندي آهي. جنهن جي ڪري ڪيئي خاندان تباھ ٿيندا آهن. برادري تڪرارن ۾ درجين قيمتي انساني جانيون ضايع ٿينديون آهن پر اسان ڏسندا رهيا آهيون تہ اهڙن علائقن ۾ بہ پوليس امن امان قائم ڪرائڻ ۾ ناڪام نظر ايندي رهي آهي. سنڌ ۾ هن وقت نگران سرڪار آهي، اسين ان کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون تہ امن رڳو اعلانن سان نہ ٿيندو، ان لاءِ عملي ڪوششون ڪرڻيون پونديون، قانون جي حڪمرانيءَ کي يقيني بڻائڻو پوندو، سياسي مصلحتن کان هٽي ڪري سخت فيصلا ڪرڻا پوندا، ان بعد ئي اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هتي جا ماڻهو پرامن ماحول ۾ پنهنجي زندگي سُڪون سان گذاري سگهندا.

سوشلزم ۽ ڪميونزم

طفيل مگسي

سوشلزم ۽ ڪميونزم ٻنهيءَ جو اصل فرانس آهي ۽ اتفاق سان ٻئي لفظ 19صدي جا آهن

ڪميونزم جو لفظ ڪميونٽي ڪان نڪتل آهي.جنهن جو مفهوم اهو آهي تہ جڏهن پيداوار ۽ پيداواري وسيلا ڪميونٽي وٽ هليا وڃن تہ اهڙي نظام کي"ڪميونزم "ڪوٺين ٿا.

جڏهن تہ سوشلزم جو لفظ سوسائٽي ڪان نڪتل آهي.جنهن جو مفهوم اهو آهي تہ جڏهن سموري ملڪيت .پيداوار ۽ پيداواري وسيلا سوسائٽي(society)جي هٿن ۾ هليا وڃن

انهن ٻنهيءَ لفظن جو مطلب هڪ ئي ٿيندي ٿو بس فقط ڪميونٽي ۽ سوسائٽي جو فرق آهي.

ياد رکيو وڃي تہ ڪارل مارڪس ۽ اينگلز پنهنجن ڪتابن ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم ٻئي لفظ استعمال ڪيا هئا ۽ انهن جو انهن ٻنهيءَ لفظن ڪان هڪ ئي مقصد هوندو هو.

ليڪن ڪارل مارڪس"گوٿاپروگرام جي تنقيد"(Critique of the Gotha Program)جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ ڪميونزم ۽ ڪميونزم جي مٿين حصي جي باري ۾ٻڌايو ليڪن لينن((Lenin جڏهن ڪارل مارڪس جو اهو ڪتاب پڙهيو تہ هن ڪميونزم جي هيٺين حصي کي سوشلزم ۽ ڪميونزم جي مٿين حصي کي نج ڪميونزم چوڻ شروع ڪري ڇڏيو.

*سوشلزم(.Socialism)

لارل مارڪس جي مطابق سوشلزم يعني ڪميونزم جو هيٺيون مرحلو يعني انقلاب ڪان پوءِ وارو مرحلو آهي.جتي جتي ڪميونسٽ انقلاب تہ قائم ٿي وڃي ٿو ليڪن ڪجھ سرمائيداري جون خاصيتون اڃان بہ معاشري ۾ رهن ٿيون.

*معاشري ۾ مزدور طبقي جي آمريت قائم رهي تہ جيئن سرمائيدار ۽ جاگيردار وري اقتدار تي قبضو نہ ڪري وڃن.

*معاشري ۾ "بورزوا"(Bourgeois)قائم ڪري ٿي مطلب اهو تہ جيڪو جيتري محنت ڪندو ان کي اوتري ئي اجرت ملندي يعني معاشري ۾ ڪنهن حد تائين اڻبرابري واري ورهاست رهندي.

*ڪميونزم(.Communism)

ڪميونزم ڪارل مارڪس جي مطابق ڪميونزم جو مٿيون نرحلو آهي يعني ڪميونزم انقلاب جو اهو حيو آهي جتي اهو انقلاب مڪمل ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن معاشري منجهان بک ۽ ڏک مڪمل طور تي ختم ٿي وڃن ٿا ۽ سرمائيدار بہ ختم ٿي وڃن ٿا تہ پاڻهي پاڻ مزدور طبقي جي آمريت جي بہ ضروت ٿي پوي ۽ سموري دنيا اسٽيٽ ليس(stateless)۽ ڪيش ليس(cashless)سوسائٽي ٺاهي وڃي ٿي ۽ معاشري ۾ سوسيڪڙو مساوات ۽ برابري اچي وڃي ٿي جيتوڻيڪ مزدور طبقو پنهنجي آمريت ڪي پنهنجي طاقت جي مقدارجي ڪميٽي ۾ تبديل ڪندي پاڻ پنهنجي آمريت جو خاتمو ڪري ڇڏيندو ان حوالي ڪان مون کي ڪجھ تحفظات آهن تہ سوشلزم جي سان گڏ ٿي جدلياتي وڪري وڃن ٿا تہ پوءِ اها تبديلي ڪيئن ٿيندي.

بهرحال اسان کي ڪارل مارڪس جي ان نظريي ڪان اهو پتو لڳائڻو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ انقلاب اچي ٿو تہ ان ملڪ ۾سَپ ڪان پهرين سوشلزم يعني ڪميونزم جو هيٺيون حصو ايندو ۽ وري ان ڪانپوءِ ڪميونزم جو مٿيون حصو يعني ڪميونزم جو نفاذ ٿيندو انهن ٻنهيءَ گروهن جو مقصد تہ هڪ ئي آهي.ليڪن ڪم ڪرڻ جو طريقو الڳ الڳ آهي.ڪميونزم وسوشلزم جي سياسي عملن تي مختصر نگاهہ(Every communist is a socialist but not every socialist is a communist)ٿيندو ڪجھ اٿين آهي تہ اينگلز ۽ مارڪس ٻئي گڏجي ڪري جرمني جي محنت ڪش مزدورن جي پارٽي ٺاهي جنهن جو نالو"جرمن سوشلسٽ اينڊ ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي"رکن ٿا ۽ وري پوءِ ان پارٽي جي طرز تي ٻيون وڌيڪ مزدور پارٽيون وجود ۾ اچن ٿيون. ليڪن وري ڪجھ عرصي ڪان پوءِ ان پارٽي ۾ اختلاف پيدا ٿي ويو ۽ اهو اختلاف ٻن ليڊرز جي سبب ڪان ٿيو جيڪي مارڪس ۽ اينگلز ڪانپوءِ سڀ ڪان وڏا ليڊرز هئا.

جن هن جڻ تہ مارڪس و اينگلزجو هر ڪراب زباني ياد ڪري رکيو هو انهن ٻنهي لفظن(ڪميونزم) ۽ (سوشلزم) جي موجوده دور ۾ جيڪڏهن ڪو شخص اوهان کي اهو چئي ٿو تہ مان سوشلسٽ(Socialist)آهيان يا وري ڪميونسٽ(Communist)آهيان تہ انهن ٻنهيءَ لفظن جا مختلف مطلب ٿيندا.ياد رکيو وڃي تہ هر ڪميونسٽ سوشلسٽ هوندو آهي ليڪن هر سوشلسٽ ڪميونسٽ ناهي هوندو(Every communist is a socialist but not every socialist is a communist) ليڪن هر ڪميونسٽ جو اهو عقيدو هوندو آهي تہ سوشلزم سرمائيداري نظام ڪميونزم جي وچ ۾ اهو حصو ۽ دور آهي.جنهن ڪان گذرندي انقلاب نج ۽ اصل ڪميونزم ڏانهن وڃي ٿو.جوتہ ڪميونسٽ سوچي ٿو تہ اهو معاشرو جتي ڪيترن ئي سالن ڪان بدمعاشن جي حڪومت هجي اتي فورن اسٽيٽ ليس(stateless)سوسائٽي نٿي بڻجي سگهي انهيءَ ڪري طاقت جي خلا کي پورو ڪرڻ جي لاءِ عارضي طور تي مزدور طبقي جي آمريت ضروري آهي.

منهنجا خيال(.My Views)

انهن ٻنهيءَ ليڊرن جو نالو ايڊورڊ برنسٽائين(Eduard Bernstein)۽ ڪارل ڪائوسڪي(Kautsky)هئا.انهن جي مطابق هينئر سرمائيداري نظام.ان اسٽيج تائين پهچي چڪو آهي تہ اسان کي هاڻي ضروري ناهي تہ انقلاب آڻيون.۽ مزدور طبقي جي آمريت قائم ڪيون بلڪ ان جي پيٽ ۾ گهرجي تہ اسان پارليامينٽ جي وسيلي حڪومت ۾ اچون ۽ پوءِ سڌارن(Reforms)جي وسيلي مزدور طبقي جو استحصال ختم ڪري(خاص وخاص)"ايڊورڊ برنسٽائين)اها ڳالهہ ڪئي تہ سرمائيداراڻو نظام اهڙي بلا آهي تہ جيڪا پنهنجي داخلي ٽڪرائن جي سبب وڪري تہ وڃي ٿي.ليڪن مختصر عرصي ۾ ئي گذريل دور ڪان وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ٿي ڪري جمي ٻيهي رهندي آهي.(مان ذاتي طور تي ايڊورڊ جي ان ڳالهہ سان اتفاق ڪريان ٿو)هونئن بہ جيڪڏهن عملي طور تي ڏٺو وڃي تہ مارڪس جون ڪافي اڳڪٿيون غلط ثابت ٿيون.جنهن ڪانپوءِ لينن روس جي حالتن جي مطابق ڪميونزم ۾ ڪجھ سڌارا ڪياءِ پنهنجي سامراج نالي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي سوالن جا جواب پڻ ڏنا.۽ ڪميونسٽن جو اهو مڃڻ هئو تہ جيڪڏهن سوسائٽي ۾ مزدور طبقي جو استحصال گهٽو ڪرڻو آهي تہ ۽ وسيلن تي قبضو ڪرڻو آهي تہ ان جي لاءِ ضروري آهي تہ ملڪ ۾ هڪ سوشلسٽ انقلاب(socialist revolution)برپا ڪيو وڃي. مجموعي طور تي اڄ جي دور ۾ ڪميونسٽ ان کي سڏيو وڃي ٿو جيڪو انقلاب جي وسيلي مزدور طبقي جي آمريت چاهين ٿا ۽ سوشلسٽ اهي جيڪي پارليامينٽ جي وسيلي محض سڌارا (Reforms)چاهين ٿا.ياد رکيو وڃي تہ اڄڪلهہ جا سوشلسٽ پنهنجو پاڻ کي سوشل ڊيموڪريٽڪ(Social Demonstrate)بہ سڏين ٿا.

انهن ٻنهيءَ گروهن جو مقصد تہ هڪ ئي آهي ليڪن ڪم ڪرڻ جو طريقو الڳ الڳ آهي.

"ڇا پاڪستان جي لاءِ حل پارليماني سياست آهي؟

Is parliamentary politics the solution for Pakistan

انهن ٻنهي نظرين جي حوالي ڪان منهنجا اهي خيال آهن تہ پارليامينٽ جي وسيلي انقلاب آڻڻ غلط ئي نہ بلڪ بيوقوفي آهي.خاص طور ڪان پاڪستان جهڙن پٺي پيل ملڪن ۾ جوتہ اوهان جي سموري پارلياماني نظام عدالتي غدارن ۽ بدمعاشن سان ڀريو پيو آهي ۽ هونئن بہ ڪارل مارڪس اها ڳالهہ کلي ڪري چئي هئي تہ.

Capitalism Democracy is the institution and sect of

ان ڪانپوءِ اهڙن خيالن تي پنهنجو سيمان رکڻ سراسر بيوقوفي آهي.چاڪاڻ تہ اڄ جي دور ۾ پارليامينٽ ۽ جهموريت سرمائيدارن جي خرچ تي تتجي رهيون آهن تہ پوءِ اوهان ڪيئن ان نظام جي تحت مزدور طبقي جي آمريت آڻي سگهو ٿا؟ياد رکو تہ بدمعاش ڪڏهن بہ پنهنجي سيٽ ناهي ڇڏيندو:::

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌِ نہ لهين سُورَ جي؛
سانڍِ پنهنجا ڏِٻرا، ڪَڏَ ڪٽي ۾ پُون؛
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِي هوتَنِ ري.

فڪسڊ ٽيل ميچ جهڙيون عام چونڊون

يوسف سيف

سمجهيو پيو وڃي تہ ملڪ ۾ عام چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون.ان جي تيارين ۾ سست رفتاري جي ٻين سببن مان هڪ تہ چونڊن بابت روز پکڙجندڙ افواھ آهن.پيو تہ اليڪشن ڪميشن جو اڻچتو رويو آهي. ڪي ٻيا سبب بہ هوندا پر سياسي ميدان تي جيڪي سرگرميون ٿي رهيون آهن انهن ۾ ڪو وڏو جوش نظر نٿو اچي.جنهن ڪري محسوس ٿئي ٿو تہ اهي رسمي چونڊون آهن ان ڪري عوام ۾ ولولو نہ رهيو آهي. ڪوچئي سگهي ٿو تہ هي فڪسڊ ميچ آهي.

ملڪي سياست جي راند جا ڪي بہ اصول نہ آهن.ڪنهن بہ ماهر جو تجزيو سندس خواهش يا وري "مٿين" پاران مهيا ڪيل اڌوري سڌوري معلومات جي بنياد تي ٻڌل هوندو آهي.ان ڪري رواجي ۽ سوشل ميڊيا جون خبرون،تجزيا ۽ جائزا توهان کي زميني حقيقتن ڪان ٿورڙو دور لڳي سگهن ٿا.ان هوندي"ڪانگ کي لڙ ۾ مزو"جو ڪم جاري آهي.

عام حالتن ۾ جائزي جي لاءِ انگ اکر ۽ مواد گهربل هوندو آهي.ميڊيا ۾ سامهون آيل انگن اکرن سان عوام جي ذهن ۾ هڪ ماحول تيار ڪيو پيو وڃي. جنهن موجب اهڙيون رپورٽون ۽ جائزن تروڙي تجزين جي ڌم مٽل آهي. ميڊيا ۾ بہ "جيتراوات اوترئون ڳالهيون" ٿي پيون آهن. انگري هر فرد پاڻ وٽ موجود ڪچي ڦڪي معلومات جي آڌار اندازو ڪري رهيو آهي تہ جيڪڏهن 8 فيبروري تي چونڊون ٿي ويون تہ ان بعد ملڪي سياست جو منهن مهانڊو ڪهڙو هوندو.

هڪڙا ماڻهون ڳالهہ ذميواري سان ڪندا آهن ٻيا ڳالهہ اڇلائي ڇڏيندا آهن.اهڙن ڳالهين اڇلائيندڙن جي گهٽتائي آهي، سندن اهڙي ڪارنامي جو اصل مقصد عوام جي ذهن ۾ ڪي ڳالهيون ويهاري ڇڏڻ آهن.اهڙي ئي هڪڙي ڳالهہ هي بہ آهي تہ "مٿين" فيصلو ڪري ورتو آهي تہ ملڪ جي وڏين ٽن پارٽين مان ڪنهن بہ هڪ کي 55 کان وڌيڪ سيٽون نہ ڏنيون وينديون. جيئن ڪي بہ وڏيون پارٽيون گڏجي ڪري بہ سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ هجن.جنهن سان اهي حڪومت جوڙي سگهن. جن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي، مسلم ليگ ن ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف شامل آهن.اهڙي ٿيوري پکيڙيندڙن جو چوڻ آهي تہ اهڙي حڪمت عملي تازو تيار ڪيل آهن.جنهن جو اصل مقصد ننڍن پارٽين کان مدد حاصل ڪرڻ تي مجبور ٿيڻ آهن جيئن تہ "مٿين" جي ڪيل رٿابندي موجب ننڍيون پارٽيون انهن جي چئي اکي ۾ آهن ان ڪري اهي سموري معاملي جو اصل ڪنٽرول هنن جي هٿن ۾ رهي.

جيتوڻيڪ خيال هي آهي تہ "مٿين" جي ناپسند جماعتن يا جماعت کي شايد ميدان ۾ ڪيڏڻ جو موقعو نہ ملي پر پيو خيال هي آهي تہ ان هوندي بہ سمورين سياسي جماعتن کي ايوان تائين پهچڻ جو موقعو ڏنو پيو وڃي.جيئن نتيجن تي ڪنهن کي ڪو اعتراض نہ ٿي سگهي. ڪي مبصران خيال جا آهن تہ هن ڀيري شايد سمورين ننڍين ۽ وڏين سياسي جماعتن کي وڌيڪ سوڙهو ڪيو ويندو،جنهن بعد انهن ڪان بہ ڪم ورتو ويندو اهڙي رٿابندي ٿي وئي آهي.

ان سموري پريڪٽس ۾ اهم سوال هي آهي تہ ڇا ايندڙ چونڊن بعد ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا ٿي سگهندو يا وري بہ اسٽيبلشمينٽ ۽ سول حڪومت وچ ۾ ڇڪتاڻ جاري رهندي ؟ ان جو ڪنهن وٽ بہ ڪو جواب نہ آهي پر ان باوجود ڪنهن ڊگهي مدي واري استحڪام جي اميد ڪرڻ غلط ٿيندو. سياست جي تاريخ رهي آهي تہ جيڪو بہ پاپولر ليڊر ٿي ويو ان کي سهڻ جو رواج نہ آهي.جمهوريت جي ڳالهہ تہ هر ڪو ڪري ٿو پر جمهوريت جي گهرجن تي ڪابہ جماعت پوري نٿي لهي. پيوتہ ملڪ ۾ غيرمنظم سياسي جماعتون آهن. جيڪي رڳو اقتدار تائين پهچڻ چاهين ٿيون. انهن جي سموري منشور جي 50 سيڪڙو تي بہ عمل نٿو ٿئي.ان ڪري ڪنهن وڏي تبديلي جي لاءِ ڊگهي مدي جي گهرج آهي.پر هڪ عرصي کان سياسي انجنيئرنگ جي ڪري ملڪ ۾ اهو ممڪن نہ رهيو آهي.

ميثاق جمهوريت بهترين رستو هو پر ان تي عمل نہ ڪيو ويو مٿان وري "مٿين" ڪاريگري ڪري پاڪستان تحريڪ انصاف کي اڳيان آندو تہ باقي وڏين ڌرين بہ اهو ڪيل عهد وساري ڇڏيو.ممڪن آهي تہ جيڪي وڏيون جماعتون پنهنجي مرضي سان پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ جي لاءِ تيار نہ هيون هاڻي انهن کي "مٿين" جي حڪم تي گڏجڻو پوي.

هر ڌر سمجهي ٿي تہ اها جمهوريت جي چئمپين آهي پر ڪنهن کي جمهوريت جا اصول رڳو ساڻن ٿيندڙ زيادتيءَ وقت نظر اچن ٿا. هن وقت جڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف جا پاڳا ٿي ويا آهن يا ٿي رهيا آهن تڏهن هنن کي انساني حق ياد اچي رهيا آهن.يا وري جڏهن مسلم ليگ ن کي رعايتي پئڪيج جي منظوري ملي وئي تڏهن پيپلزپارٽي کي اهو ياد پيو تہ هنن کي ليول پلئينگ فيلڊ نہ پئي ملي.

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سياست جي ميدان ۾ جيڪا بہ ڇڪتاڻ نظر اچي رهي آهي ان باوجود سمورين سياسي جماعتن کي ڪيڏڻ جي لاءِ ميدان ملندو.جيڪو بہ ڪٿي ايندو اهو گهوڙو هنن جوٽي هوندو.

بقايا *** 01

مان بري ڪري ڇڏيو آهي.ڪيس جو فيصلو ٻڌڻ ڪان پوءِ نوازشريف روانو ٿيو تہ عدالت ٻاهران موجود سندس وڪيلن نعريبازي ڪئي. ٻڌڻي جي موقعي تي عدالت جي اندر ۽ ٻاهر پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي. عدالت جي اندر(ن) ليگ جي حمايتي وڪيلن جو وڏو انگ ۽ عدالت جي ٻاهران(ن) ليگ ڪارڪنن جو وڏو انگ موجود هو.ياد رهي تہ نوازشريف کي احتساب عدالت 24 ڊسمبر 2018 تي نيب جي العزيزيہ اسٽيل مل ريفرنس ۾ 7 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي. نيب نوازشريف جي خلاف 3 ريفرنس داخل ڪيا هئا ۽ نوازشريف ٽنهي ريفرنس مان باعزت بري ٿي چڪو آهي. ٻئي پاسي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ بہ نيب ڪورٽ جي سزا ڪالعدم قرار ڏئي چڪي آهي. جڏهن تہ فليگ شپ ريفرنس نيب طرفان واپس وٺڻ تي ختم ڪيو ويو اڄ العزيزيہ اسٽيل مل ريفرنس بہ ختم ٿي ويو

بقايا *** 02

جي فيصلي ڪانپوءِ سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر پاران محتسب جي فيصلي تي عمل ڪرايو ويو آهي.سنڌ جي نگران وڏي وزير جي هدايتن بعد لاڙڪاڻي تعليمي بورڊ جي چيئرمين کي عهدي تان هٽايو ويو.نگران وڏي وزير جي هدايتن بعد نسيم الدين ميمڻ کي هٽائڻ بابت نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي.حيدرآباد پبلڪ اسڪول جي ماستريائي شگفتہ شاھ عورتن جي صوبائي محتسب ۾ نسيم ميمڻ خلاف هراسمينٽ جي شڪايت جمع ڪرائي هئي

بقايا *** 03

17 دهشتگرد مارجي ويا.آءِ ايس پي آر موجب اڄ صبح 6 دهشتگردن دارابن ۾ سيڪيورٽي فورس جي پوسٽ تي حملو ڪيو.جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز چوڪي تي دهشتگردن جي داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي پر ان دوران دهشتگردن بارودي مواد سان ڀريل گاڏي کي چوڪي سان ٽڪرائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ ڌماڪي سبب عمارت ڪري پئي جنهن سبب ڪيترين ئي فوتگيون ٿيون.آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن جي حملي دوران علائقي ۾ موجود سمورا 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن تہ ان دوران 23 بهادر سپاهي بہ شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب درازندہ جي علائقي ۾ آپريشن دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي تباھ ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر موجب ڪلاچي ۾ ڳجهي اطلاع تي آپريشن ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي گهيرو ڪيو ويو جنهن دوران ڇتي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 2 بهادر جوان شهيد ٿي ويا. جڏهن تہ 4 دهشتگرد پڻ مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب دهشتگردن ۽ فورسز ۾ ويڙھ دوران گڏيل طور تي 23 جوان شهيد ۽ 27 دهشتگرد مارجي ويا آهن. مارجي ويل دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز جي خلاف دهشتگردي جي ڪيترين ئي ڪارروائين ۾ ملوث هئا ۽ مارجي ويل دهشتگرد معصوم شهرين جي قتل ۾ بہ سرگرم هئا. ڪارروائين دوران هٿيار، بارودي مواد ۽ ڌماڪيدار مواد پڻ هٿ ڪيو ويو آءِ ايس پي آر موجب علائقي ۾ موجود دهشتگردن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪليئرنس آپريشن ڪيا پيا وڃن. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي. اسان جي بهادر سپاهين جون اهڙيون قربانيون اسان جي ارادن کي وڌيڪ مضبوط

ڪنديون آهن.

بقايا *** 04

۾ 9 رڪني لارجر بينچ ذوالفقار علي ڀٽو جي سزا بابت صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي. پ پ طرفان وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ ۽ اٽارني جنرل منصور عثمان روسٽرم تي موجود هئا. جڏهن تہ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري بہ عدالتي ڪارروائي ڏسڻ لاءِ عدالتي ڪمري ۾ موجود هئا. چيف جسٽس سوال ڪيو تہ هي صدارتي ريفرنس آهي تہ ڇا حڪومت ان کي هاڻ بہ هلائڻ چاهي ٿي؟ ان تي اٽارني جنرل چيو مون کي هدايتون آهن تہ صدارتي ريفرنس کي حڪومت هلائڻ چاهي ٿي. ريفرنس 15 صفحن تي ٻڌل آهي. چيف جسٽس پڇيو تہ صدارتي ريفرنس ۾ صدر صاحب اسان ڪان ڇا ٿو چاهي؟ ڪهڙي صدر اهو ريفرنس فائل ڪيو آهي؟ اٽارني جنرل چيو تہ آصف زرداري صدر طور اهو ريفرنس موڪليو هو جسٽس قاضي فائزعيسيٰ چيو تہ ڪنهن صدر صدارتي ريفرنس واپس نہ ورتو تہ اهو هاڻ بہ عدالت جي اختيار ۾ آهي. چيف جسٽس اٽارني جنرل کي هدايت ڪئي تہ ريفرنس پڙهي ٻڌايو. جنهن تي اٽارني جنرل چيو تہ ريفرنس 15 صفحن تي ٻڌل آهي. ٻڌڻي دوران جسٽس منصور علي شاھ صدارتي ريفرنس تي سوال اٿاريندي چيو تہ سپريم ڪورٽ ڀٽو ڪيس ۾ فيصلو ٻڌائي چڪي ۽ نظرثاني بہ خارج ٿي وئي، ختم ٿيل ڪيس کي ٻيهر ڪيئن ٿا ڏسي سگهون؟ سپريم ڪورٽ بہ نظرثاني نٿي ٻڌي سگهي. هڪ معاملو ختم ٿي چڪو آهي، عدالت کي اهو ٻڌايو تہ ڪيس ۾ قانوني سوال ڪهڙو آهي؟ فيصلو برو هو تہ سپريم ڪورٽ جو فيصلو حتمي آهي تبديل نٿو ڪري سگهجي، اهي آئيني سوال آهن. جن جو جواب ضروري آهي. فاروق نائيڪ چيو تہ ڀٽو ڪيس عوامي اهميت رکندڙ هو. جنهن تي جسٽس منصور چيو عوامي اهميت رکڻ جو سوال صدر کي ڏسڻو هو. عدالت قانوني سوال ڏسندي. عدالت قانوني سوال بنا فيصلو ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟ عدالت ڪهڙي قانون تحت اهو ريفرنس هلائي؟ پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي جنوري تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪيس ۾ 9 عدالتي مددگار مقرر ڪرڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو

بقايا *** 05

ڪان معذرت ڪري ڇڏي.چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر بينچ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي سزا بابت صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت صدارتي ريفرنس ۾ 9 مددگار مقرر ڪندي چيو تہ جسٽس (ر) منظور ملڪ کي عدالتي مددگار مقرر ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي مدد سان راضپي سان مشروط هوندي. فوجداري معاملن تي عدالت جي مدد لاءِ خواجا حارث کي بہ مددگار مقرر ڪيو وڃي. جڏهن تہ بئرسٽر سلمان صفدر کي بہ عدالتي مددگار مقرر ڪيو وڃي. عدالتي مددگارن کي نوٽيس جاري ڪندي جواب ورتو ويندو. ٻڌڻي دوران وڪيل احمد علي ڪرد روسٽرم تي اچي چيو تہ مون کي عدالت مددگار مقرر ڪيو هو. ريفرنس ۾ عدالت جي مدد ڪندس. ان تي چيف جسٽس پڇيو تہ ڇا ڪو پير عدالتي مددگار آهي؟ جنهن تي وڪيل سعد هاشمي ٻڌايو تہ مخدوم علي خان بہ عدالت جي مدد ڪندو. چيف جسٽس چيو مطلب هاڻ رکو بہ ٿي عدالتي مددگار ٿا بڻجن. اسان کي وڌيڪ عدالتي مددگار مقرر ڪرڻا پوندا پر سينيئر قانوندان اعتزاز احسن عدالتي مدد ڪان معذرت ڪري ڇڏي.

بقايا *** 06

انهن هن کي اڳيان آندو آهي.سپريم ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ پاڪستان اهو ملڪ آهي جتي 12 سالن ڪان پوءِ صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي مون 2018 ۾ ڪيس ٻڌڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي. اسان کي ذوالفقار علي ڀٽو جي لاءِ انصاف گهرجي. مون کي انصاف ڏنو وڃي ۽ قوم کي ٻڌايو وڃي تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بي قصور هو جو تہ عوام گهڻو وقت اڳ فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ ذوالفقار علي ڀٽو بي ڏوهي هو هاڻ عدالت کي اپيل آهي تہ اوهان کي تاريخ کي صحيح ڪرڻو آهي. اهڙو فيصلو ڪرڻ گهرجي جنهن سان آئنده جي لاءِ دروازو بند ٿي وڃي. اميد آهي هن ڀيري پيپلز پارٽي کي ڪيس ۾ انصاف ملندو.چونڊن بابت پڇيل سوال تي پ پ چيئرمين چيو تہ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ تي 100 سيڪڙو ڀروسو آهي هن چٽن لفظن ۾ چئي ڇڏيو آهي تہ 8 فيبروري پٿر تي لڪيل آهي تہ چونڊون ٿينديون.هن چيو تہ اسان جو تمام گهڻو پراڻو موقف ۽ مطالبو آهي تہ سڀ پنهنجين حدن ۾ رهي ڪم ڪن. سياستدان بہ جمهوريت جي حدن ۾ رهي ڪم ڪن. ادارا بہ پنهنجي حدن ۾ رهي ڪم ڪن تڏهن ئي اسان جي معيشت ۽ ملڪ هلندو. مان پراڻن سياستدانن جي پراڻي سياست ڏسي چڪو آهيان انهن جو ڪوبہ رويو نہ آهي. انهن کي هاڻ پنهنجو رويو تبديل ڪرڻو آهي. انهن کي اڃان تائين ساڳئي پراڻي سياست ڪرڻي آهي جنهن سان نہ ملڪ ۽ نہ ئي وري معيشت ترقي ڪندي نہ ئي وري اسان اهڙي ماحول مان نڪري سگهنداسين پ پ چيئرمين چيو تہ اسان سياسي اختلافن کي ذاتي دشمني تي پهچائي ڇڏيو آهي. ڪوبہ ڪنهن بہ پارٽي سان هجي سڀئي پاڪستاني آهيون. فيصلو ڪريو. اختلاف ڌار رکو سمورا ملي ٿي مسئلن جو حل ڪڍي سگهن ٿا. نفرت ۽ ورهاست جي سياست کي دفن ڪريو ۽ نئين سياست شروع ڪريو.راڻو انوار بابت سوال تي بلاول ڀٽو چيو تہ هي جنهن ماڻهن جو رانديڪو آهي انهن هن کي اڳيان آندو آهي. لياري جي ڪارڪنن اهڙي رانديڪي جي باري ۾ نعرو تيار ڪيو آهي. لياري جي ڪارڪنن جو نعرو آهي تہ ميان تيري جانثار. بشير ميمڻ، راڻو انوار.

بقايا *** 07

۽ سيڪيورٽي فورسز تي حملا ڪندڙ ناقابل معافي آهن.بلاول ڀٽو زرداري ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي عمارت تي دهشتگرد حملي جي مذمت ڪندي چيو آهي تہ دهشتگردي جي نرسري کي ختم ڪرڻ لاءِ نيشنل ايڪشن پلان تي عمل ڪيو وڃي.بلاول ڀٽو زرداري دهشتگرد حملي ۾ زخمي ٿيندڙن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي آهي. دهشتگردي جي رٿابندي ڪندڙن کي ختم ڪيو وڃي: آصف زرداري ٻئي طرف اڳوڻي صدر آصف زرداري ڊيرا اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي مذمت ڪندي چيو آهي تہ دهشتگردي جي رٿابندي ڪندڙن ۽ نرسرن کي ختم ڪرڻو پوندو. آصف زرداري شهيد جوانن جي وارثن سان تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو آهي.

بقايا *** 08

وزير محمد علي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بگٽي چيو تہ شهيدن جي خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.سرفراز بگٽي جو چوڻ آهي تہ يوريا ڀاڻ جي حوالي سان مصنوعي بحران پيدا ڪيو پيو وڃي. ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري بحران ختم ڪيو ويو هن چيو تہ ذخيره اندوزي ٻيهر ٿي رهي آهي جنهن سبب قيمتون وڌي ويون آهن. مصنوعي بحران پيدا ڪندڙ ماڻهن سان سختي سان ڪارروائي ڪئي ويندي. ذخيره اندوزن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. گهرو وزير اهو بہ چيو تہ هارين کي ڀاڻ جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. ملڪ جي ضرورت موجب ڀاڻ درآمد ڪئي وئي آهي. هن سال ڪو بہ ڀاڻ پلانٽ بند نہ ڪيو پيو وڃي. سبسڊي جو سڌو سنئون فائدو هارين کي پهچايو ويو

بقايا *** 09

جي ملٽري ڪورٽ ٽرائل تي انٽرا ڪورٽ اپيل جي بينچ جي سربراھ تي اعتراض بزدلاڻو قدم آهي.هن چيو تہ جواد ايس خواجہ پنهنجي پوزيشن کي استعمال ڪندي اعليٰ عدليہ کي ورهائڻ چاهي ٿو راڻا ثناءُالله وڌيڪ چيو تہ 9 مئي جا ڏوهاري ملڪ ۽ قوم جا ڏوهاري آهن جيڪي ڪنهن بہ رعايت جا مستحق نہ آهن. اهڙي حڪمت عملي ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندي.

بقايا *** 10

آئي تہ پارٽي سپريم ڪورٽ آئين ۽ قانون کان متاثرون ٿي پنهنجي ملڪ کي ترجيح ڏني. انهن جي عدالتي فيصلن تي جيتري بہ تنقيد ڪريون

پراهي جڏهن بہ پنهنجي ملڪ جو دفاع ڪرڻ تي ايندا آهن تہ سيني شين کي سيڪنڊري ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پهرين ملڪ کي اوليت ڏيندا آهن هن چيو تہ اسان بدقسمتي سان اسان جي ملڪ ۾ هر شيءِ پهريان پنهنجي آهي. پهريان آئين پهريان قانون آهي. اسان ڊفينس لائين سائيڊ تي لڳائي ڇڏي آهي اسان فوج کي ڪناري تي لڳائي ڇڏيو. اسان ملٽري ڪورٽس کي ڪناري تي لڳائي ڇڏي. نجڪاري ٿي رهي آهي. اسٽيل ملز ۽ پي آءِ اي اربين روپين جو نقصان ڪري ڇڏيو آهي اهڙي معاملي کي بہ عدالت اٿارڻ واري آهي. اڳوڻي سينيٽر چيو تہ ريڪوڊڪ ۾ عدالتي نظام ۽ ان جي فيصلن اربين ڊالر جو نقصان ڪيو آهي. پاڪستان جي تباهي جا تاريخي فيصلا آيا اوهان ڪنهن کي صادق امين ڪري ڇڏيو ڪنهن کي نااهل قرار ڏئي ڇڏيو اهو ڪٿو ڏنڊو آهي. اڄ پنجن جو بينچ نااهل ۽ سٺن جو بينچ اهل ڪري ڇڏيندو اڄ عمران خان آهي. سياڻي اهو بہ ڪنهن شيءِ جي تحت واپس اچي ويندو.هن چيو تہ قانوني فيصلا صحيح طريقي سان نہ ٿي سگهيا جنهن لاءِ اسان جو ملڪ پنج سئو سال پوئتي هليو ويو اسان 141هين نمبر تي آهيون. اسان ڪرڪيٽ ميچ ۾ سينچري ٺاهي سگهون پر عدالتي ڍانچي ۽ ان جي نااتفاقين سبب اهڙي اسپيڊ سان وڃي رهيا آهيون جو شايد اسان ڊبل نہ پر ٽرپل سينچري بہ ڪري وينداسين. عدالتي نظام ۽ ڍانچي جو جيستائين احتساب نہ ڪندو معاملا صحيح نہ ٿيندا.فيصل واوڊا چيو تہ تسلا تارڙ اوهان ڪيرائي ڇڏيو ٿا. ماڻهو برباد ٿي ويا. رستن تي اچي ويا. خيرات گهري رهيا آهن اوهان تہ بلڊر کي ڪجهہ ڪيو تہ اين او سي ڏيندڙن کي ڪجهہ چيو. نہ آرڪيٽيڪٽ کي ڪجهہ نہ ڪيو. نہ ان وزير کي ڪجهہ ڪيو ۽ نہ ئي اڳوڻن کي ڪجهہ ڪيو تہ پوءِ اوهان ڪيو ڇا آهي؟ اڄ هڪ عدالت فيصلو ڏئي ٿي تہ فلاڻي شخص کي ڦاهي ڏئي ڇڏيو تہ 9 رڪني بينچ اچي چوي ٿي تہ اهو فيصلو غلط هو. هاڻ ان شخص کي زنده ڪيئن ڪندا؟اڳوڻي سينيٽر چيو تہ نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم ڪان سواءِ دنيا جو ڪوبہ شخص صادق ۽ امين جي معيار تي پورو نٿو لهي. انسان تہ صادق ۽ امين نٿو ٿي سگهي. اهو تہ غلطين جو پتلو آهي. اسٽيل مل بہ اربين روپين جو نقصان ڪري رهي آهي.

بقايا *** 11

درخواست تي ٻڌڻي ڪئي.درخواستگذار عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو تہ شهري معاذ، طلحہ، محمد علي ۽ محمد طحہ غائب آهن. جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو پڇاڻو ڪيو تہ جي آءِ ٽي جون ڪيترين ٽيسٽون ڪيون ويون؟ گم ٿيل ماڻهن جو اڃا تائين پتو ڇو نہ پيو ملي؟جاچ آفيسر جواب ڏنو تہ 37 جي آءِ ٽي ۽ 15 صوبائي ٽاسڪ فورس جا اجلاس ٿي چڪا آهن. گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ ڀرپور ڪوششون جاري آهن. جلد بازياب ٿي ويندا.ٻڌڻي دوران شهري جي ماءُ عدالت کي ٻڌايو تہ منهنجو پٽ جنيد احمد 9 سالن ڪان نيو ڪراچي مان گم آهي. هو 9 سالن ڪان عدالتن ۽ پوليس اسٽيشن جا چڪر هڻي رهيو آهي. جيڪڏهن مٽس ڪو ڏوھ آهي تہ سامهون آندو وڃي. عدالت جاچ آفيسر کان پڇاڻو ڪيو تہ ان حوالي سان هن وقت تائين ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي؟جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو تہ سي ٽي ڊي پوليس کي خط لکيو آهي. هنن جواب ڏنو تہ اسان وٽ ڄاڻايل شهري ناهي. ٻين ادارن کي بہ خط لکيو آهي.جنهن بعد عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 23 جنوري تائين ملتوي ڪندي جاچ آفيسر کي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش رفت رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 12

ٺاهيا ويا. حمزه شهباز چيو تہ ان حڪومت دوران بہ ايف آءِ اي چيو تہ ڪو بہ ثبوت ناهي. اڄ نواز شريف کي بہ باعزت بري ڪيو پيو وڃي. ڪوڙو ڪيس ٺاهي قومي خزاني کي نقصان پهچايو ويو هن چيو تہ ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ وارا اڄ بہ ڪٽهڙي ۾ آهن. عوام جي مستقبل لاءِ سڀني کي جامع حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي حمزہ شهباز جو اهو بہ چوڻ آهي تہ مان سياسي ڪارڪن آهيان. منهنجي اميد ۽ دعا آهي تہ چونڊون وقت تي ٿين. شفاف ۽ آزاد چونڊن لاءِ ليول پلينگ فيلڊ ضروري آهي.

بقايا *** 13

جوڊيشل ڪونسل جي ڪارروائي ڪرڻ تي ٻڌل آهي. هي منهنجو ذاتي معاملو تہ آهي پر هاڻ هي معاملو اداري جو آهي. ڇا سپريم ڪورٽ انهي معاملي تي مون سان گڏ بيهندي؟ مان سياسي ايليٽ جي هٿن ۾ نہ ڪيڏيو آهيان انهي جي لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڀوڳي رهيو آهيان. جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي لکيل خط ۾ الزام لڳايو آهي تہ سپريم جوڊيشل ڪونسل جي چيئرمين منهنجي خلاف توهين جوڳو رويو رکيو

آهي، سپريم ڪورٽ جو بينچ جيڪو منهنجو ڪيس ٻڌي رهيو آهي اهو قاعدن جي خلاف ٺاهيو ويو آهي. 14 ڊسمبر تي ڪونسل جو اجلاس منهنجو ڪيس ٻڌڻ ڪان سواءِ گهرايو ويو

بقايا *** 14

ڪميشن آئيني ادارو آهي. اسان ان تي يقين رکون ٿا. اسان کي ليول پلينگ فيلڊ ناهي ملي رهيو. اسان جي ماڻهن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي. علي ظفر جو چوڻ آهي تہ هر چاهين ٿا تہ اليڪشن ڪميشن پنهنجي ذميواري پوري ڪري. اهو چوڻ غلط آهي تہ اسان کي خبر نہ هئي تہ اليڪشن ٿيندي. درخواستون رد ٿيڻ گهرجن ها پر اليڪشن ڪميشن نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.هن چيو تہ اسان 2019 ۾ جي آئين تحت چونڊون ڪرايون آهن. الزام هنيو پيو وڃي تہ اهي بنا مقابلي ڪيئن چونڊيا ويا.اليڪشن ايڪٽ 2017 ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي. اليڪشن ڪميشن جو ڪم اهو آهي تہ هو ڏسن تہ اليڪشن ٿي آهي يا نہ.پي ٽي آءِ جو چوڻ آهي تہ سپريم ڪورٽ چيو آهي تہ 8 فيبروري جي چونڊن جي تاريخ ۾ ڪا تبديلي نہ ايندي. چونڊون 14 ڊسمبر تائين ٿيڻ گهرجن. اهڙو شخص جيڪو پارٽي جو ميمبر نہ هجي. ووٽر نہ هجي. ان لاءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو ڪو بہ جواز ناهي.

بقايا *** 15

جي قيمت ۾ 226.18 روپيہ في ايم ايم بي ٽي يو روزاني اضافو گهري ورتو آهي. جڏهن تہ گيس جي موجوده سراسري قيمت 1470 روپيہ 21 پئسا آهي. ڪمپني جي نئين سراسري گيس قيمت 1696 روپيہ 39 پئسا مقرر ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ موقف ڏنو ويو آهي تہ سوئي سدرن جا هلندڙ مالي سال 47 ارب 77 ڪروڙ روپيہ. روينيو شارٽ فال جو اندازو آهي. جڏهن تہ بلوچستان ۾ روينيو شارٽ فال جو اندازو 95 روپيہ 40 پئسا في ايم ايم بي ٽي يو آهي. ٽرانسميشن اينڊ ڊسٽري بيوشن لاڳت جي مد ۾ 150 روپيہ 67 پئسا في ايم ايم بي ٽي يو جي درخواست ڪئي وئي آهي جڏهن تہ روپئي جي قدر ۾ لاٿ جي فرق جي مد ۾ 40 روپيہ 96 پئسا في ايم ايم بي ٽي يو گهريو ويو اوگرا سوئي سدرن جي درخواست تي 18 ڊسمبر تي ڪراچي ۾ ٻڌڻي ڪندي.

بقايا *** 16

ڇڏي.اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ جي باني خلاف 6 ڄڻن ۽ بشرا بي بي جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي. درخواستن تي ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج طاهر عباس سپرا ڪئي. جنهن دوران بشرا بي بي پنهنجي قانوني ٽيم سميت سيشن عدالت ۾ پيش ٿي. عدالت ۾ پي ٽي آءِ جي وڪيل چيو تہ پي ٽي آءِ جي باني جون 3 درخواستون اڳ ۾ ئي سي منظور ڪري ورتيون آهن. جج پڇاڻو ڪيو تہ آءِ ٽي سي ڪهڙي بنياد تي پي ٽي آءِ جي باني جي ضمانت واري درخواست منظور ڪئي؟ پي ٽي آءِ جي وڪيل جواب ڏنو تہ پي ٽي آءِ باني جي موقعي تي موجود نہ هئا. عدالت ايف آءِ اي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.جج پڇاڻو ڪيو تہ پروڊڪشن رپورٽ ڪٿي آهي؟ پراسيڪيوٽر عدالت ۾ چيو تہ آهي؟ پي ٽي آءِ جي وڪيل چيو تہ پوليس چاهي ٿي تہ پي ٽي آءِ جي باني کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ نٿي چاهي.جج پي ٽي آءِ جي وڪيلن کي چيو تہ توهان اها روايت قائم ڪئي آهي تہ توهان جتي بہ هجو عدالت حاضر ٿيندي آهي. پي ٽي آءِ جي وڪيل چيو تہ پي ٽي آءِ جا باني هميشہ عدالتن ۾ پيش ٿيا. جوابدار گرفتاري کان اڳ ضمانت واري درخواست تي عدالت ۾ پيش ٿين. جج طاهر عباس سپرا چيو تہ مان پڇان ٿو تہ رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي. فيصلو ڪيو وڃي تہ ايندڙ تاريخ تائين ٻڌڻي ڪئي ٿيندي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بشرا بي بي جي درخواست جي ڪهڙي حيثيت آهي؟وڪيل جواب ڏنو تہ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ بشرا بي بي جي آڊيو ليڪس بابت رپورٽ ٻڌڻي هيٺ آهي.بعد ۾ عدالت پي ٽي آءِ باني جي عبوري ضمانت ۾ 19 ڊسمبر ۽ بشرا بي بي جي ضمانت ۾ 2 جنوري تائين واڌ ڪري ڇڏي.

بقايا *** 17

ڪميٽي اجلاس ۾ وياج جي شرح برقرار رکڻ جو فيصلو ٿيو.اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي تہ مانيٽري پاليسي ڪميٽي جي اجلاس ۾ اندازو لڳايو ويو تہ مالي سال 24 جي ٻين ٽن مهينن ۾ مهانگائي گهٽجڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 18

آصف ڀٽو زرداري چيو تہ سپريم ڪورٽ هاڻي ماضيءَ ۾ هڪ فوجي آمر جي دٻاءَ ۾ ڪيل فيصلي کي ختم ڪري سگهي ٿي.هن چيو تہ اسان کي دعا ڪرڻ گهرجي ۽ اميد ڪرڻ گهرجي تہ معزز جج اڄ هن شرمناڪ فيصلي کي ختم ڪري ڇڏيندا.آصف ڀٽو زرداري چيو تہ اهو رڳو منهنجي خاندان لاءِ نہ پر پاڪستان لاءِ بہ ضروري آهي

بقايا *** 19

عمر سومرو چيو تہ مذهبي معاملن، اوقاف ۽ زڪوات کاتي پنهنجي انتظام هيٺ صوبي جي سمورن درگاهن ۾ عورتن جي نماز لاءِ جايون مختص ڪيون آهن. اوقاف جا اربين روپين جون ملڪيتون يا جايون جيڪي کاتي جي ڏٺل آهن پر ان جو ڪرايو تمام گهٽ آهي انهن سڀني ڪرائن ۽ اوقاف جي ليز تي ڏنل ملڪيتن جا ريٽ مارڪيٽ ريٽ مطابق ڪيا پيا وڃن هن چيو تہ درگاهن ۾ عطين کي هڪ مخصوص اڪائونٽ ۾ رکڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن مذهبي معاملن واري کاتي پاران ڪربلاجي شهيدن، سيرت النبي جي حوالي سان پروگرام منعقد ڪرايا آهن. درگاهن تي مذهبي ۽ ثقافتي پروگرامن جو انعقاد ۽ کاتي جي ڪمن ۾ شفافيت آڻڻ اولين ترجيح آهي. زڪوات وٺندڙ حقدارن جي بائيوميٽرڪ ڪئي وڃي ٿي. ان جي شروعات گذريل حڪومت ڪئي هئي. تنهن ڪري اهو ڪريڊٽ گذريل حڪومت جو آهي. انساني حقن واري کاتي بابت ڳالهائيندي هن چيو تہ سنڌ حڪومت انساني حقن واري پاليسي جي عمل ڪيو آهي. يورپي يونين جي 10 ڪروڙ روپين جي گرانٽ ان جي ايڊ جي بجيٽ اين جي اوز کي ڏيڻ بدران صوبي جي نوجوان شاگردن کي انساني حقن جي قانونن جي تعليم لاءِ اسڪالرشپ تي خرچ ڪئي وئي آهي هڪ کي 25 هزار رپيا ماهوار وظيفو ڏينداسين. هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ صرف هڪ پوسٽ آفيس ناهي تہ درخواستن کي اڳتي موڪلن بلڪي انهن ماڻهن جو عمل بہ ٿيڻ گهرجي. عمر سومرو چيو تہ انساني حقن جي ڪال سينٽر کي فعال ڪيو پيو وڃي. هن ڪال سينٽر 15 سان گڏ ۽ جسٽس ناصر اسلم زاهد جي ڪال سينٽر سان گڏ ڳنڍيو ويندو. انساني حقن جي ٽريننگ لاءِ اڳلي ڪجهہ مهينن ۾ شروع ڪئي ويندي، قانون کاتي ۽ ججن، وڪيلن ۽ عوام جي شڪايتن تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ان معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ نگران صوبائي وزير عمر سومرو چيو تہ سنڌ ۾ درگاهن کي مليل عطيو جي آمدني شفافيت سان خرچ ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ۽ انهي عطيا فلاحي منصوبن تي خرچ ڪيا ويندا. هن چيو تہ انساني حقن جي پاليسي جو ڪريڊٽ گذريل چونڊيل حڪومت جو آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ ڪينجهر ڍنڍ جي 6500 ايڪڙ زمين ريزارٽ لاءِ ليز تي ڏيڻ واري فائل کي ايم او يو سان ٽڪراءَ ۾ ڏٺو ويو تہ ان کي روڪيو ويو. هن سمري ۾ ڪيترن ئي کاتن کي بہ پاس ڪيو ويو هن مون اها ڳالهہ سنڌ جي نگران وڏي وزير کي بہ ٻڌائي آهي. هن سياحت واري وزير ڪان بہ ان بابت پڇاڻو ڪيو آهي. سيف سٽي منصوبي جي حوالي سان نگران قانون واري وزير چيو تہ هن پنهنجي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ اڳوڻي صوبائي وزير پاران اليڪشن ڪميشن کي پنهنجي باري ۾ شڪايت ڪئي وئي آهي پر اليڪشن ڪميشن مون کان اهڙا ڪاغذ ڪجهہ بہ ناهي پڇيو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ شڪارپور جي قبرستان ۾ منشيات جي شڪايت هئي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ نگران سيٽ اپ کي ڪنهن بہ ڪمپني جي سنڌ ۾ زمين نہ ڏني آهي. هن چيو تہ عالمي ماحولياتي گهرجن مطابق ٻيلا لڳائڻ وقت جي ضرورت آهي. فاطمہ فرڙو بابت سوال تي هن چيو تہ بهتر هوندو تہ اهو سوال نگران گهرو وزير کان پڇيو وڃي. نگران اطلاعات وارو وزير محمد احمد شاھ چيو تہ نگران حڪومت جي 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن لاءِ تياريون مڪمل آهن. سياسي پارٽين جا سياسي بيان سياست جو حصو آهن. 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن جي حوالي سان سڏ سماءِ واري وفاقي وزير ۾ هتي پريس ڪانفرنس ۾ واضح طور چيو آهي تہ ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ هجڻ گهرجي. محمد احمد شاھ چيو تہ نگران سنڌ حڪومت پنهنجا فرض مڪمل غير جانبداري سان سرانجام ڏيڻ ۾ پرعزم آهي.

بقايا *** 20

سربراھ ڊي اين اي جي نمونن جي مس هينڊلنگ جو خدشو ظاهر ڪري چڪو پروفيسر ڊاڪٽر وحيد چيو آهي تہ انڪوائري ۾ واضح ٿيو تہ فاطمہ جا سيمپلز پهريان ڊي اين اي ليب جامشورو منتقل ٿيا. انهن کي ڊي سيل ڪري پروسيس ڪرڻ جو عمل شروع ٿيو تہ سيمپلز

ڪي آءِ سي بي ايس کي موڪلڻ جو چيو ويو پروفيسر ڊاڪٽر وحيد جو چوڻ هو تہ سيمپلز جي منتقلي کي مس هينڊلنگ چئي سگهجي ٿو سيمپلز مان ملندڙ رزلٽ کي شڪي ماڻهن سان ملايو ويندو.ياد رهي تہ هلندڙ سال آگسٽ ۾ راڻي پور ۾ پير جي حويلي ۾ ڪم ڪندڙ 10 ورهين جي فاطمہ ميبنا تشدد سبب فوت ٿي وئي هئي.

بقايا *** 21

ٿين جو اعتراف ڪيو آهي. پاور ڊويزن نيپرا جي جاچ تي شروعاتي رپورٽ تيار ڪري ورتي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ جولاءِ ۾ 45 لک ڪان وڌيڪ صارفين کي 31 ڏينهن ڪان وڌيڪ جا بل موڪليا ويا. انهن مان 40 لک صارفين کي 32 ڪان 34 ڏينهن جا بل موڪليا ويا. پاور ڊويزن 3 لک 81 هزار 510 خراب ميٽرن مان وڌيڪ بلنگ جو بہ اعتراف ڪيو. جولاءِ ۾ 45 لک 43 هزار 717 صارفين کي وڌيڪ ڏينهن جا بل موڪليا ويا. جولاءِ ۾ سليب جي تبديلي سان 8 لک 46 هزار 468 صارفين متاثر ٿيا. جولاءِ ۾ هڪ لک 98 هزار 166 صارفين پروٽيڪٽڊ مان نان پروٽيڪٽڊ ۾ هليا ويا. 11 هزار 276 لائف لائن مان نان لائف لائن ۾ هليا ويا. آگسٽ ۾ 55 لک 74 هزار 275 صارفين کي وڌيڪ ڏينهن جا بل موڪليا ويا. آگسٽ ۾ سليب جي تبديلي سان 8 لک 25 هزار 562 صارفين متاثر ٿيا. آگسٽ ۾ هڪ لک 13 هزار 879 صارف پروٽيڪٽڊ مان نان پروٽيڪٽڊ ۾ هليا ويا. 6 هزار 217 صارفين لائف لائن مان نان لائف لائن ۾ هليا ويا.پاور ڊويزن نيپرا ٽيم جي طريقي ڪار کي غلط ۽ غير انرائٽيز قرار ڏيندي چيو تہ نيپرا رپورٽ ۾ ڪوالٽي ڪنٽرول ۽ ڊيٽا پروسيسنگ جون غلطيون آهن. سيمپلنگ ڪندي نيپرا ٽيم جانبداري جو مظاهرو ڪيو. بجلي ڪمپنين جي آپريشنل ڏکيائين کي نظر ۾ رکيو وڃي.

بقايا *** 22

تہ سمورن معاملن تي پاڪستان جي حڪومت سان ڳالهہ ٻولهہ جاري رکنداسين، افغانستان، پاڪستان وچ ۾ مختلف مسئلن جي سفارتي حل جي حمايت ڪريون ٿا. ميٿيو ملر چيو تہ اڳوڻن افغان پارليامينٽ ميمبرن کي ڪرپشن تي نامزد ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ڪري رهيا آهيون. اڳوڻن ميمبرن ۽ سندن ويجهن ماڻهن کي آمريڪا ۾ داخلا لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو آهي. آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو تہ بدعنواني ۾ ملوث ماڻهن سان سلهاڙيل 44 ڪمپنين کي بہ نامزد ڪيو آهي.

بقايا *** 23

عاقل ڏاريجو، اميد علي قادراڻي ۽ سرور مصراڻي جتوئي کي 50_50 هزار مچلڪن عيوض ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ضمانت تي آزاد جوابدارن ۾ عاقل ڏاريجو، اميد علي قادراڻي ۽ سرور مصراڻي جتوئي شامل آهن .سکر پوليس قادرپور ٿاڻي تي سرڪار جي فرياد تي جوابدار عاقل ڏاريجو ۽ اميد علي قادراڻي ۽ سرور مصراڻي ۽ ٻين جوابدارن خلاف قتل ڪيس جي مرڪزي جوابدارن شيرل مهر، جمعو مهر ۽ ٻين کي پناھ ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪيو هو.عدالت شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي مرڪزي جوابدارن کي پناھ ڏيڻ واري سرڪار جي فرياد تي داخل ڪيس ۾ ضمانت واري درخواست تي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو ويو

بقايا *** 24

تائين نڪتل ريلي ۾ سول سوسائٽي، شاگردن ۽ ٻين شرڪت ڪئي،صوبائي وزير عمر سومرو موجب نگران حڪومت جو ڪم شفاف چونڊون ڪرائڻ آهي. منهنجو ڪم انساني حق جو وقار بلند ڪرڻ آهي.نگران صوبائي وزير چيو تہ فاطمہ ڪيس بابت کلي نہ ٿو ڳالهائي سگهان. ان مامري کي گهرو کاتو ڏسي رهيو آهي.نگران صوبائي وزير عمر سومرو موجب ڊي اين اي رپورٽ پڌري ٿي آهي. اها گهرو کاتي جي ذميواري آهي

بقايا *** 25

ڪري ڇڏيو معطل ڪيلن ۾ 2 انسپيڪٽر، 2 سب انسپيڪٽر، هيڊ آءِ ايس آءِ، 3 هيڊ ڪانسٽيبل ۽ 4 اهلڪار شامل آهن معطل ڪيل عملدار پگهارن ۽ الائونس کان محروم رهندا، ڪين روزانو ڊي آءِ جي آفيس حاضر ٿيڻو پوندو.

بقايا *** 26

هينان ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران 22 فوٽ اونهي کڏ برآمد ڪئي وئي.چيف آپريٽنگ آفيسر اسد الله خان موجب ريڪسر لائن ۾ پل هينان لياري کي پاڻي فراهم ڪندڙ لائن مان پاڻي جي چوري ڪئي پئي وئي، هن چيو تہ 33 انچ قطر جي لائن 2007 ۾ لياري کي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ وڌي وئي هئي. لياري جي عوام

جو روز 50 لک گيلن پاڻي چوري ڪيو پئي ويو.سندس چوڻ هو تہ 33 انچ قطر جي لائن مان 8 انچ جا 4 ڪنيڪشن ورتا ويا هئا.

بقايا *** 27

مقرر ڪيو ويو.انٽر بورڊ ڪراچي جي عهدي جي چارج ڪمشنر ڪراچي، سکر بورڊ جي چيئرمين جي عهدي جي چارج ڪمشنر سکر ۽ نواب شاھ بورڊ جي چيئرمين جي عهدي جي چارج ڪمشنر نوابشاھ کي ڏني پئي وڃي جڏهن تہ ٻين بورڊز ۾ پرو چيئرمين جي عهدي جي چارج ڪمشنرز کي ڏني ويندي. ان حوالي سان يونيورسٽي ۽ بورڊز کاتي جي سيڪريٽري نور محمد سمون پاران موڪليل سمري جي سنڌ جي نگران وڏي وزير منظوري ڏئي ڇڏي آهي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ اهو قدم اهڙي وقت کنيو ويو آهي جڏهن اليڪشن جي شيڊول جو اعلان ٿيڻ وارو آهي. ان ڪان اڳ اليڪشن ڪميشن سنڌ جي چيف سيڪريٽري کي خط ذريعي آگاھ ڪري چڪو آهي تہ آفيسر اليڪشن ڊيوٽيز ۾ مصروف آهن تنهنڪري سندن بدليون نہ ڪيون وڃن جڏهن تہ سنڌ جي بورڊز آف ريونيو اليڪشن ڪميشن جي خط جي روشني ۾ ڪيل بدلين جي عمل کي روڪي ڇڏيو هو.

بقايا *** 28

وين انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 30 پئسا سستو ٿيڻ بعد 283 روپيا 60 پئسا تي ويو ڪاروبار بند ٿيڻ تي انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 283 روپيا 90 پئسا تي هو ٻئي طرف پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ مثبت ڪاروباري رجحان ڏٺو پيو وڃي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 364 پوائنٽن جي واڌ سان 66 هزار 376 تي پهچي ويو ڪالهہ انڊيڪس 66 هزار 12 پوائنٽس تي بند ٿيو.

بقايا *** 29

خط لکي ڇڏيو چيف جسٽس خط ۾ چيو آهي تہ منهنجا تہ توهان سڀني ساٿين لاءِ سدائين کليل آهن. مان انٽر ڪام ۽ فون تي بہ سدائين موجود آهيان. هن چيو تہ توهان پنهنجي خدشن لاءِ نہ مون کي ڪال ڪئي نہ ملاقات لاءِ آيا. توهان جي خط تي فوري طور توهان جي انٽر ڪام تي رابطي جي ڪوشش ڪئي پر جواب نہ مليو چيف جسٽس جي بقول مان پنهنجي اسٽاف کي توهان سان رابطي جو چيو تہ اسٽاف ٻڌايو توهان جمعي تي منجهند جو لاهور هليا ويا آهيو جسٽس قاضي فائزعيسيٰ چيو تہ اسان کي 6 ڏينهن ڪم ڪرڻ جي پگهار ملندي آهي ساڍن ڇهن ڏينهن جي. جج جي پهرين ذميواري عدالتي فرض انجام ڏيڻ آهي هن سوال ڪيو تہ مشورو ڪرڻ ۽ دلچسپي نہ هئي تہ جنهن ايڪٽ کي توهان معطل ڪيو هو. ان تي عمل ڪيو ڪيئن ها؟ جيڪڏهن مون کي ججن جي ڪميٽي جي فيصلن تي عمل نہ ڪرڻو هجي ها تہ ان ڪارروائي کي پبلڪ ڇو ڪيان ها؟چيف جسٽس چيو تہ ججن جي ڪميٽي جا ٻہ اجلاس توهان جي غير موجودگي سبب ملتوي ٿيا. ججز روسٽرز تي توهان جا اعتراض آهن تہ ٽئون اجلاس گهرائي ٽئين بنچ جي جوڙجڪ تي غور ٿي سگهي ٿو.

بقايا *** 30

ماڻهن کي اغوا ڪري ورتو آهي. ٻئي طرف القسام برگيڊ جي ترجمان چيو آهي تہ هنن تل ابيب کي ميزائلن سان نشانو بڻايو آهي. اهڙي طرح خان يونس جي اترين محاذ تي بہ اسرائيلي ٽينڪن کي راڪيٽ سان نشانو بڻايو ويو، جنهن جي وڊيو پڻ جاري ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 31

آهي، چيف اليڪشن ڪمشنر چيو تہ ساڳئي ڪيس کي هلائڻ اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي. پي ٽي آءِ پنجن سالن ۾ انٽرا پارٽي چونڊون نہ ڪرائي سگهي. پي ٽي آءِ پنج سالن کان پوءِ جيڪي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون اهي اسان جي نظر ۾ صحيح نہ آهن. پنهنجون غلطيون اليڪشن ڪميشن جي کاتي ۾ وجهڻ ڪنهن بہ صورت ۾ صحيح عمل نہ آهي. اليڪشن ڪميشن ان جي باوجود پي ٽي آءِ کي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو موقعو ڏنو جي ٽي لا اليڪشن ڪميشن دليل ڏنا تہ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اير ڪيواير انٽرا پارٽي چونڊن جي ڪيس ۾ انٽرا پارٽي چونڊون اليڪشن ڪميشن جي اختيار ڪي قرار ڏنو سپريم ڪورٽ چئي چڪي آهي تہ انٽرا پارٽي چونڊن کي ڏسڻ اليڪشن ڪميشن جو اختيار آهي. ڪابہ سياسي پارٽي جيڪڏهن انٽرا پارٽي چونڊون نہ ڪرائيندي تہ چونڊ ايڪٽ جي تحت ڪارروائي ڪئي ويندي آهي.اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن جي خلاف درخواستن تي ٻڌڻي 14 ڊسمبر تائين ملتوي ڪندي ۽ ايندڙ ٻڌڻي تي سمورن درخواستگذارن کي جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا سنڌيار 01

رحيم سومرو عبدالستار سومرو محمد شريف سومرو ميهرعلي لاشاري سيد ظاهرحسين شاهه قربان علي پنهور ۽ ٻيالاهيڊ ماسٽر فدا حسين ميرالي جي اڳواڻي ۾ موجود هيا ان موقعي تي آفيسرن استادن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي مان مطمئن ٿيا ۽ استادن کي پابند ڪيو ته اجا محنت ڪن ته جيئن شاگرد هوشيار ٿي ڪاميابيون حاصل ڪن ته جيئن شهر ۽ ملڪ جو نالو روشن ٿي سگهي ان موقعي هيڊ ماسٽر جلال الدين رڏ ظاهرحسين چانڊيو حاجي تاج محمد سومرو هيڊ ماسٽر گل حسن ڀهراڻي آشر آگسٽن ڪلارڪ عاشق پتو ۽ ٻيا موجود رهيا

بقايا سنڌيار 02

زاهد حسين مگرئي جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪئي وئي آهي. سنڌ سجاڳي فورم جي مرڪزي صدر سارنگ جويو، مرڪزي فائنانس سيڪريٽري سهڻي جويو ۽ ضلعي ڪورنگي جو اڳواڻ سيد زمان شاهه ۽ قومي تحريڪ جي سرگرم ڪردار ڊاڪٽر نذير ڪوڪر جي جيون ساٿي ادي عذر ڪوڪر يڪجهتي طور ڪئمپ تي پهتا ۽ ساڻن يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي سنڌ سجاڳي فورم جي مرڪزي صدر سارنگ جويو، مرڪزي فائنانس سيڪريٽري سهڻي جويو، ڊاڪٽر عذر ڪوڪر، 2015 ۾ اغوا ڪيل معصوم علي اصغر مگرئي جي والد زاهد حسين مگرئي، مخدوم بلاول ۽ سيد زمان شاهه پنهنجو موقف پيش ڪندي چيو ته، سنڌ جي سياسي ڪارڪنن کي ڪنيپي گم ڪيو ويو آهي وري ٻئي طرف جاگيردار، وڏيرن، سردارن ۽ ڌاڙيلن ذريعي معصوم ٻارن ۽ نوجوانن کي پئنگ لاءِ اغوا ڪرائي بدامني پيدا ڪري ڇڏي آهي. ماڻهن جو هن قانون ۽ ان جي ادارن سان ويساهه ختم ٿي ويو آهي ۽ انهن کي انصاف اڃان تائين ناهي مليو. ظلم جي انتها اها آهي جو زاهد حسين مگريو پاڻ پوليس ڪانسٽيبل آهي. جنهن جي پٽ کي اغوا ڪيو ويو آهي. ان کي پٽ د آزاد ڪرائي ناهي ڏنو ويو ۽ ان جي پيءُ مٿان ڪيترائي ايف آءِ آرون ڪٽيون ويون آهن. هرڏانهن معصوم پريا ڪماري کي 2021 ۾ اغوا ڪيو ويو. پران کي به بازياب نه ڪرايو ويو آهي. اسان عالمي ادارن ۽ انساني حقن جي تنظيمن ۽ سنڌي قوم کي اپيل ٿا ڪيون ڏاجو ته گڏجي جدوجهد ڪري پنهنجن پيارن کي آزاد ڪرايون

بقايا سنڌيار 03

پيار جو پرڻو ڪري جوهڙ جمالي پهچي تحفظ جي اپيل ڪئي ناري حليمان هڏايو ته رياض منهنجو مڱيندو هو جنهن کي منهنجي مائٽن منهنجو سنگ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن بعد مون پنهنجي رضا خوشي سان نڪري رياض پارهيڙي سان سجاول ڪورٽ ۾ شريعت محمدي موجب حق نڪاح ڪيو آهي جنهن کان ڪاوڙجي منهنجي پيءُ محمد عمر، الطاف پارهيڙي عباس پارهيڙي ممتاز پارهيڙي منهنجي گهر واري جي گهرن کي باهيون ڏيئي سندن تمام وڏو مالي نقصان ڪيو آهي هاڻي اهي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن مونکي ۽ منهنجي سهريجن کي منهنجي مائٽن مان خطرو آهي هن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي مڪمل تحفظ ڏئي منهنجي گهرواري جي مائٽن جي گهرن کي باهيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 04

ڇڏي خبر موجب ڪيڻ ڊيلو مين روڊ جي ڪم ۾ ناقص متيريل استعمال ٿيڻ ۽ مين روڊ جي موري ٽٽڻ جون عوامي پريس پاران مسلسل خبرون هلڻ ڪانهي هاءِ ويز ڪاتي ۾ ٽرٿلو مچي ويو خبرن جو نوٽيس وٺندي هاءِ ويز ڪاتي جي پروونشل جي عملدارن ٺيڪيدار کي پابند ڪري ٽٽل موري فوري طور ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو جنهن کان پوءِ ٺيڪيدار جو ليبر پهچي موري ٺهرائڻ شروع ڪري ڇڏي اتي موجود ڳوٺاڻن مير واحد بخش خان محمد بروهي عوامي پريس جي صحافين کي جس ڏيندي چيو اسان جو آواز پهچائڻ تي ٿورائتا آهيون ۽ هاڻي موري جو ڪم بهتر ٿي رهيو آهي ۽ اسان روڊس کاتي ۽ ٺيڪيدار کي جس ڏيون ٿا جن نوٽيس وٺي بهتر ڪم ڪرايو

بقايا سنڌيار 05

ڪيئي مظاهرو ڪيو جنهن کي خطاب ڪندي سنڌي هاري تحريڪ جي اڳواڻن ايسرداس ڪولهي ستو ڪولهي لڪمڻ ڪولهي مرتضا شاهه مهرڻ درس ايڊووڪيٽ فاضل زئور ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي هاري وٽ هڪ ايڪڙ زمين به ڪونهي، ان جا ٻچا بکن تي آهن پر سنڌ سرڪار ۽ وفاقي سرڪار انهن کي زمينون الاٽ ڪرڻ بدران جديد زراعت جي نالي ۾ ادارن ۽ ڌارين حوالي پئي ڪري جيڪو عمل غير قانوني ۽ غير آئيني آهي. هنن وڌيڪ چيو ته ڌارين ۽ ديسي پورٽان کان زمينون واپس وٺي سنڌي بي زمين هارين ۾ ورهايون وڃن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ پاڻ جي هٽرادو ڪوٽ ڪري هارين ۽ آبادگارن کي لٽيو ڦريو ۽ ڪنگال ڪيو پيو وڃي پر ڪٿي به انتظاميا نظر نٿي اچي، هارين کي سيلبن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته هارين ۽ آبادگارن کي مقرر سرڪاري اگهه تي پاڻ ڏنو وڃي ۽ سنڌ ۾ پيل سرڪاري زمينون سنڌي بي زمين هارين کي ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 06

مال به مارين ٿا ۽ اسڪولي ٻارن ۽ ڏنارن کي به ڏاڙهين ٿا تڙجي مارو ماڻهن جو گذران مال تي آهي روز ڪتا ان کان ڏهه ٽنگ ماريو وڃن رڳو اڄ جي تاريخ ۾ واحدڏنو ساهڙ جا به ٽنگ حاڪم ساهڙ جو هڪ ٽنگ اين اونو جو هڪ ٽنگ عيدل ساهڙ جو هڪ ٽنگ گلزار ساهڙ جي هڪ ٻڪري ڪتا ماري ويا ڳوٺاڻا روز ڪتن جو پيچو ڪريو ڇڏايو اچن پر ڪتا واپس موٽيو اچن ڪتن تر تباهي ڇڏيو آهي پاڳين جون ٽنڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن هي ڪتا مال جو ڪچو گوشت کائي رت جوسي خونخوار ٿي ويا آهن تنهن ڪري هي ڪتن جو ٽولو ڪنهن به وقت انسانن تي به حملو ڪري سگهي ٿو ننڍا ٻار اڪيلا اسڪول به نٿا وڃي سگهن مال به رڳائڻ تائين محدود ٿي ويو آهي ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته يوسي ڳڙابو جو چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ لاڳاپيل ادارا ڪتا مارائڻ لاءِ ٽيم تشڪيل ڏئي ڪتا مارائي مال توڙي ٻارن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ غريب مارو ماڻهن کي وڏيڪ نقصان کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 07

گرفتاري ته ٿي هئي نوشهروفيروز پوليس ڪامياب ڪاروائي ڪندي منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. (1) گرفتار نالي محمود رند جنهن کان 3000 گرام چرس برآمد ڪري گناهه نمبر 440/23 قلم 9 سي تحت ڪيس داخل ۽ هڪ ٻيو ڪيس داخل ڪري جوابدار محمود رند ڪان 38 گرام آئيس برآمد ڪري گناهه نمبر 441/23 قلم 9 اي تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن اڳ جو رڪارڊ گرفتار جوابدار محمود رند جو ڏوهي رڪارڊ. Cr # Cr .221/2021, u/s 7/8 gutka act Cr .# 259/2023, u/s 9 A, CNAS (02).# 258/2023, u/s 9 C, CNAS جوابدار اسامه رند کي گرفتار ڪري 30 عدد هيروئن جون پڙيون برآمد ڪري گناهه نمبر 442/23 قلم 9 اي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. (03) جوابدار سائين بخش رند کي گرفتار ڪري RR ءِ Z. 21 گولڊ سوپاريون ٽوٽل 660 عدد ساشي برآمد ڪري گناهه نمبر 443/23 قلم 7/8 مين پڙي گٽڪا داخل ڪيو ويو (04) جوابدار عامر ملاح کي گرفتار ڪري 29 عدد هيروئن جون پڙيون برآمد ڪري گناهه نمبر 444/23 قلم 9 اي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 08

سمير رند، اظهر ٻبر، اظهر رند، ڪريم چانگ جي اڳواڻي ۾ ڪري روڊ تي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪندي روڊ بلاڪ ڪري ٽرئفڪ کي معطل ڪري ڇڏيو جنهن ڪري گاڏين ۾ سفر ڪندڙ پيچيوال ماڻهون سخت پريشان ٿيندا رهيا، احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي صدر امجد شورو چيو ته مرف اين جي اوز جي نگراني ۾ هلندڙ جهرڪ اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر ميل ڊاڪٽرن سميت دوائن جي سخت ڪوٽ پيدا ٿيل آهي، جنهن ڪري پري پري کان ايندڙ مريض سخت پريشان ٿيندا ٿا رهن. هنن گهر ڪئي ته فورن جهرڪ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، عملي توڙي دوائن جي ڪوٽ ختم ڪري اسوتال ايندڙ مريضن کي صحت جون بهتر سهولتون مهيا ڪري سرڪاري اسپتالن جا انتظام مرف اين جي اوز کان واپس وٺي سمورين سرڪاري اسپتالن کي سرڪاري نگراني ۾ هلايو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري واهن ۾ پاڻي بند ڪيو ويندو، جنهن لاءِ آبادگارن، ميونسپل ڪميٽي ٺٽو توڙي ٽائون ڪميٽيز ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٺٽو جي انتظاميه کي پاڻي جي وارابندي تحت پاڻي جمع ڪرڻ لاءِ حڪم نامو جاري ڪيو ويو آهي ٺٽي جي عوام پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل ڪاتي سميت ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ٺٽي ۽ مڪلي سميت سموري ضلعي جي عوام کي وارا بندي لاءِ دوران پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ئي کي جوڳا اپاءَ وٺڻ گهرجن ته جيئن وارا بندي دوران ٺٽي شهرن سميت ضلعي ۾ رهندڙ لکن جي تعداد ۾ عوام کي پريشاني کان بچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 10

جي احتجاج باوجود متاثر نياڻي جوبدار ٻالاثر ٻٽيل سندن گرفتاري نه ٿي خبر موجب ڪجهه ڏينهن پهريان فاران شگر ملز ڪالوني اندر گهر ۾ ڪم ڪندڙ 14 ورهين جي ناري گل بانو ولد محمد بخش خاصخيلي کي گهر ڌڻي علي بلوچ پاران ناري مطابق نشو ڏئي زيادتي ڪئي وئي جنهن جي خبر سوشل ميڊيا ته هلڻ ڪانپوءِ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سليم شاهه پاران فورن نوٽيس ورتو ۽ آئي ٽيم تشڪيل ڏني وئي ان ۾ ڊي ايس پي سٽي ٽنڊو محمد خان آغا عبدالمجيد پٺاڻ ايس ايڇ او عبدالعزيز ڪوسو ايس ايڇ او وومين روزينا ملاح سب انسپيڪٽر ضمير ناريجو کي سختي سان هدايت ڪئي ته فل فور ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ناري جو ميڊيڪل ڪرايو وڃي آن ڪانپوءِ ايس ايڇ او وومين بروقت ناري جو ميڊيڪل ڪرائي جزا ليبارٽري موڪليا ويا ۽ فل فور ناري سان زيادتي جي الزام هيٺ علي بلوچ ۽ سندس صحرلتڪار سندس زال شاهين تي ايف آئي آر وومين ٿاڻي تي ناري جي والد جي فرياد تي داخل ڪئي وئي ان دوران ايس ايڇ او وومين روزينا ملاح موقف اختيار ڪندي چيو ته ايف آئي آر درج ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدارن خلاف مسلسل ڇاپا هنيا پيا وڃن جلد ناري سان زيادتي جي الزام هيٺ جوابدار ۽ ان جي سهولتڪار سندس زال کي گرفتار ڪيو ويندو ان کان پوءِ نوجوان اتحاد شيخ پرڪيو پاران ناري سان زيادتي ڪندڙ جوابدار ۽ سندس زال ۽ فاران شگر ملز انتظاميا کي ناري سان زيادتي ڪندڙ جوابدارن سان ملوث هئڻ ۽ جوابدارن جو سهولتڪار ڪار ملزجي انتظاميا جو مختيار لغاري کي سهولتڪار جاڻايو ويو ان ڪانپوءِ ذوليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن سوشل ورڪر رضيا سهتو نيدي آئيز سماجي تنظيم جي اڳواڻ زاهد حسين جسڪاڻي نالي واري وڪيل قانوندان ٻ پ شهيد پٽو اڳواڻ جي ايم لغاري جو وفد متاثر ناري ۽ ان جي وارثن سان ملاقات ڪري تفصيل ورتا ۽ ان موقعي تي ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري ناري جو ڪيس فري ۾ وڙهڻ جو اعلان ڪيو ۽ نيدي آئيز اڳواڻ زاهد حسين جسڪاڻي ذوليخان سهتو فائونڊيشن سوشل ورڪر رضيا سهتو پڻ ان موقعي تي ناري ۽ سندس وارثن جو هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي ۽ ٻئي ڏينهن متاثر ناري سان ٿيندڙ ظلم زيادتي جي الزام هيٺ آيل جوابدران ۽ سندن صحرلتڪار ملز انتظاميا کي ايف آئي آر ۾ شامل نه ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف شيخ پرڪيو فاران شگر ملز گيٽ آڏو سنڌ هاري ڪميٽي نيدي آئيز سماجي تنظيم ذوليخان سهتو فائونڊيشن ۽ ووڪيل برادري پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ذوليخان فاؤنڊيشن جي چيئرپرسن رضيا سهتو نيدي آئيز اڳواڻ زاهد حسين جسڪاڻي نالي واري وڪيل قانوني ماهر شهيد پٽو اڳواڻ ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري ايڊوڪيٽ نجم الدين سريوال ايڊوڪيٽ احمد نواز انقلابي سنڌ هاري ڪميٽي اڳواڻ ايڊوڪيٽ علي اصغر ابڙو ۽ ٻين پاران ميڊيا آڏو موقف اختيار ڪندي چيو ته ناري سان زيادتي ڪندڙ وحشي درندي علي بلوچ ۽ ملز انتظاميا جي مختيار خاصخيلي پاران متاثر نياڻي ۽ سندن وارثن کي ڪيس تان هٽ ڪٽڻ ڪان پريشرائيز ڪرڻ جي ڪابہ قصر ناهي ڇڏي ڪين موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ته جيئن هو ڪيس تان هٽ ڪٽن انهن جو وڌيڪ اهو به چوڻ هو ته ملز ڪالوني ۾ پورهيو ڪندڙ ناري جي مائٽن کي روڪيو ويو آهي انهن جو گيٽ بند ڪيو ويو آهي متاثر نياڻي سندن وارثن ۽ مائٽن کي زليل ڪيو پيو وڃي سندن ملز اندر اچ وڃ تي پابندي هڻي وئي آهي اڳواڻن چيو ته اسان متاثر ناري ۽ ان جي وارثن کي مڪمل قانوني آئيني سپورٽ هر وقت مهيا ڪنداسين ۽ سندن مدد ڪنداسين ۽ متاثر نياڻي سان انصاف فراهم ملڻ تائين سندن سان هر ممڪن سهڪار رهندو ان موقعي تي مظاهرين آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته فاران شگر ملز جي مختيار لغاري کي به ايف آئي آر ۾ شامل ڪري ۽ زيادتي جي الزام هيٺ آيل علي بلوچ ۽ سندس صحرلتڪار زال کي فل فور فور گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ملز گيٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ان موقعي تي ايڊوڪيٽ احتشام جت سوشل ورڪر مسلم لغاري ساجد سنڌي ۽ ٻيا پڻ مظاهري ۾ شريڪ هئا

بقايا سنڌيار 11

ڪولهي طالب جروار سارنگ سولنڪي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. سنڌ جي زمين جي نيلامي بند ڪريو پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ختم ڪريو سنڌ جي هارين کي زمين ڏيو شڪار ڪري سنڌ جا پکي ۽ ماڻهو مارڻ بند ڪريو سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اياز ڪوسو امير بخش جروار رحيم ڪلوئي طالب جروار سارنگ سولنڪي حاجي علي نواز دلواڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جون زمينون عسڪري ادارن ذريعي عرب سرمائيدارن کي ڏيڻ جي فيصلي کي سنڌ جو عوام برداشت نه ڪندو. سنڌ جي زمينن تي عسڪري ادارن بدران سنڌ جي بي زمين هارين جو حق آهي. سرڪاري زمينون هارين کي مفت ۾ ڏئي هارين کي جديد زرعي مشينري مهيا ڪري زراعت کي هٿي وٺي

بقايا سنڌيار 12

۽ مختيارڪار ميرپورساڪرو احمد ميمڻ جي اڳواڻي ۾ پاڻ جي دڪانن تي ڇاپا به گدام ۽ هڪ دڪان سيل پڻ دڪاندارن تي هڪ لک رپيا ڏنڊ هنيو ويو تفصيل موجب پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ جي شڪايت جو نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورساڪرو اقبال احمد ٽنيو ۽ مختيارڪار ميرپورساڪرو احمد ميمڻ پوليس سان گڏجي مختلف گدامن تي ڇاپا هڻي ۾ گدام ۽ هڪ سيل ڪري ڇڏيو جڏهن ته ٻن دڪاندارن تي پنجاهه پنجاهه هزار روپين جا ڏنڊ هنيا ويا گهارو ۽ ميرپورساڪرو جي آبادگارن ۽ هارين پاران اسسٽنٽ ڪمشنر جي اهڙي عمل جي تعريف ڪئي ۽ انهن اهو مطالبو پڻ ڪيو ته اهڙين ڪنٽرول پرائس تي ڪاروايون ٿيڻ گهرجن جيئن آبادگارن کي پاڻ سرڪاري اگهه تي پاڻ ملي سگهي

بقايا سنڌيار 13

چيو ته جڙتو زرعي انقلاب جي آڙ ۾ سنڌ جي زمين جي نيلامي بند ڪئي وڃي. نگران سرڪار پاران عسڪري ادارن کي زمين جي الاٽمينٽ رد ڪري اها زمين سنڌ جي بي زمين هارين ۾ ورهائي وڃي ۽ پاڻ جي هٽرادو ڪوٽ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 14

رچائي وئي. رهاڻ واري تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي شاهه لطيف جي شاعري جي پارکو غلام مصطفيٰ زئور چيو ته مختيار نظاماڻي اڻٿڪ انسان، بهترين سگهڙ ۽ حساس شاعر آهي، جيڪو لوڪ ادب جي مختلف صنفن کي جياريندو اچي. مختيار نظاماڻي جي شاعري ۾ نفاست ۽ نزاڪت سان گڏ آسان، سادي ۽ سولي ٻولي استعمال ٿيل آهي. هن نه رڳو رومانوي شاعري ۾ پاڻ ملهايو آهي، پر سندس شاعري ۾ ديس جي ماڻهن جا درد به سمايل آهن. هن چيو ته باضمير تخليقڪار پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ٻولي سان ڪميٽيڊ هوندا آهن. اهڙين ئي گهڻ رخي شخصيت مختيار نظاماڻي به گهڻن شعبن سان ڪميٽيڊ رهيو آهي. ادبي رهاڻ جي موڙ مجلس، بهترين سگهڙ ۽ شاعر مختيار نظاماڻي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته آئون شڪرگذار آهيان انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر جي سموري سٽ جو جنهن مون حقير فقير جي مڃتا لاءِ هي محبتي ميڙ مڃايو هن چيو ته مون سموري حياتي سکڻ واري لاڙي کي اهميت ڏني آهي، صالح محمد شاهه کان وٺي پرواني پٽي تائين، عبدالڪريم بلوچ کان وٺي ڪامران پٽي تائين پي ٽي وي هجي يا ريڊيو پاڪستان هجي، مون پنهنجي سينئرز کان سکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اها ئي سکيا اڄ به مون لاءِ مشعل راهه آهي. اهوئي سبب آهي جو اداڪاري توڙي صداڪاري، سگهڙائپ جورس توڙي لوڪ شاعري ۾ مون پنهنجو معمولي نوعيت جو ڪردار ادا ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ جيءُ لڳايو آهي. هن چيو ته ٽنڊي محمد خان جو ادبي ماحول مون لاءِ وڏي اتساهه جو سبب آهي. جتي جو ادبي سٿ دوستن کي حياتيءَ ۾ ئي پذيرائيءَ ڏيندو رهيو آهي. هن چيو ته انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان اسان لاءِ سکيا جي بهترين نرسري آهي. انهن نرسرين کي سموري سنڌ ۾ مڃتا مليل آهي. ان مڃتا جو ڪارڻ مسلسل تحرڪ ئي آهي. تقريب جي اعزازي مهمان استاد محمد اشرف گنجلاڻي چيو ته ٽنڊي محمد خان جي دوستن جون ادبي سرگرميون ڏسي ستر ۽ اسي جو ڏهاڪو ياد اچي وڃي ٿو. جيڪو اسٽڊي سرڪلس جي حوالي سان رومانس وارو دور هو ان دور جي مثبت حوالي سان ٻجي ويل نسل، هڪ مثبت نسل پيدا ڪيو آهي، جيڪو ڌرتيءَ، ٻولي، علم ۽ ادب جي خدمت لاءِ ڪوشان آهي. مختيار نظاماڻي سان رهاڻ واري تقريب به ان دور جو تسلسل لڳي ٿي. جيڪا خوش آئند ۽ قابل تحسين ڳالهه آهي. سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي خطاب ڪندي چيو ته مختيار نظاماڻي سنڌي ٻولي جو انتهائي متحرڪ خادم آهي، هو هڪ بهترين سگهڙ، شاعر، اداڪار، صداڪار، اسڪرپٽ رائيٽر، اسڪائوٽ، فوٽوگرافر، وڊيو ايڊيٽر هئڻ سان گڏو گڏ بهترين استاد ۽ شفيق انسان آهي، جنهن جي چهري تي هميشه مرڪن جا پوپٽ اڏامندي نظر ايندا آهن. مختيار نظاماڻي گهڻ رخي شخصيت هئڻ سان گڏو گڏ محبتن جو سفير آهي. هو مڃتا جو حقيقي حقدار آهي ۽ هن هر شعبي ۾ پاڻ ملهائي مڃتائون ماڻيون آهن. سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا تقريب ۾ ويچار ونڊيندي چيو ته مختيار نظاماڻي جي گهڻ طرفي شخصيت قابل رشڪ آهي، هو جيترو پنهنجي سياءُ ۾ نازڪ، نفيس ۽ پيار ونڊيندڙ آهي، اتين ئي سندس تخليقي پورهيو به تحسين لائق آهي. انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر جي صدر اعجاز علي جسڪاڻي چيو ته سگهڙ شاعر مختيار نظاماڻي جو تخليقي جوهر نوجوان نسل لاءِ سکيا جو هڪ مثبت رستو آهي. گهڻن شعبن سان وابسته رهندي به هو ٿڪاوٽ جي احساس کان بلڪل اڻڄاڻ آهي. هر شعبي ۾ هن محنت ۽ مشقت چنڊ جي چانڊاڻ مثل آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اڄڪو ميڙ ثابت ٿو ڪري ته جيڪي فرد پنهنجي ٻولي، علم ۽ ادب جي خدمت هڙان وڙان ڪن ٿا، انهن کي ئي مڃتا جا موتي پلئه پون ٿا. مختيار نظاماڻي هميشه مسڪرائيندڙ ۽ محبوبيت جون چميون اريندڙ تخليقڪار آهي. سندس هر مرڪ اسان سڀني جو گڏيل ورثو آهي. ادبي رهاڻ واري تقريب کي ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، عاشق علي ڳاهو، سومار سنگر، حاڪم علي رند، شرف نظاماڻي، گل خاصخيلي، غلام نبي "شاعر" خاصخيلي، نوشاد پٽي، سيد اسلم شاهه، محمد علي "صارم" سرهيو نجيب الله گهراڻو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا سنڌيار 15

مختلف ضلعن جو دورو ڪندا ۽ چونڊ اجلاسن ۾ شرڪت ڪندا. 2024ع جي نون ضلعي عهديدران جو اعلان ڪندا. سمورن ضلعن جي چونڊ 7 جنوري 2024ع تائين مڪمل ٿي ويندي، صوبائي جنرل سيڪريٽري مخدوم محمد اعظم سمورن ضلعن کي چونڊ جا سمورا طريقا ۽ هدايتي ليٽر جاري ڪري ڇڏيا آهن. صوبائي عهديدران ضلعي عهديدران کي 2024ع جي ترجيحن جي حوالي سان آگاهي ڏيندا. جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان جي سرپرست اعليٰ فخر انسانيت خواجه محمد طاهر المعروف سجڻ سائين جي عظيم مشن کي فهلائڻ جي حوالي سان هدايتون ڏيندا. اسلام جي عالمگير پيغام کي عام ڪرڻ، عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جو جذبو دلين ۾ پيدا ڪرڻ، وڻ پوکڻ، صفائي، مهر، طبي ڪئمپون، رت جو عطيو ڏيڻ، تعليم ۽ هنر کي فروغ ڏيڻ، فلاحي ڪمن ۾ حصو وٺڻ، سماج جي اصلاح، انسانيت جي احترام جو پيغام عام ڪرڻ، محبتون پکيڙڻ، نفرتن ختم ٿيڻ، قبائلي تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ شعور پيدا ڪرڻ، سيني برانچز کي مثالي بڻائڻ.

بقايا سنڌيار 16

ته واٽر بورڊ پاران صنعتڪارن کي فراهم ڪيل ملي پاڻي جا چارج مختلف آهن ۽ ٻئي اڳهه صنعتي آهن. هن صنعتڪارن تي زور ڀريو ته هو پاڻي چوري جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن جڏهن ته واٽر بورڊ پنهنجي صنعتي يونٽن کي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائيندو. وڏي وزير چيو ته سندس حڪومت صوبي ۾ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ چاهي ٿي جنهن لاءِ ٺوس قدم کنيا پيا وڃن ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن صنعتڪار انسپيڪشن لاءِ پنهنجو سهڪار وڌائي حڪومت جا هٿ مضبوط ڪندا ۽ وڌيڪ چيو ته سمورن سائيٽن جو بنيادي انفراسٽرڪچر لاڳاپيل ايسوسي ايشنز جي نگراني ۾ تيار ڪيو پيو وڃي. اڳاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صنعت ۽ روينيو وزير يونس ڍاڳا، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنيجو، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو زاهد عباسي، سيڪريٽري نائو ڪاظم جتوئي، سيڪريٽري بلديات منظور شيخ، سيڪريٽري صنعت، ايم ڊي واٽر بورڊ، ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته صنعتڪارن ۾ زبير موتي والا، ميان زبير، جاويد بلواڻي، سليمان وساڻ چاولا، ڪامران عربي، مجيد عزيز ۽ ٻيا شامل هئا. صنعتڪارن پاڻي جي ڪوٽ، شاپنگ سينٽرن ۾ باهه لڳڻ جا واقعا، چام صادق پل جي خراب صورتحال، اسلاميه ڪاليج ۾ فلائي اوور جي تعمير ۽ صنعتي يونٽن کي پاڻي ۽ قدرتي گئس جي فراهمي جهڙا مسئلا وڏي وزير آڏو اٿاريا. وڏي وزير صنعتڪارن سان هر مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ لاڳاپيل کاتي جي سيڪريٽري کان ڪين حل طلب ڪيو. پاڻي جي ڪوٽ: وڏي وزير پاڻي جي ڪوٽ بابت ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه صنعتي يونٽ واٽر بورڊ جي لائينن مان سڌو سنئون پاڻي چوري ڪري رهيا آهن. هن چيو ته هي انتهائي سنگين مسئلو آهي تنهنڪري واٽر بورڊ سندن ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيا آهن. ۽ واٽر بورڊ کان مطالبو ڪيو ته درخواست ڏيندڙ صنعتي يونٽن کي پاڻي جو ڪنيڪشن فراهم ڪيو وڃي. ايم ڊي واٽر بورڊ صلاح الدين وڏي وزير کي ٻڌايو ته ڪين پاڻي جي ڪنيڪشن لاءِ 100 درخواستون مليون آهن ۽ نوان ڪنيڪشن ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. هن چيو ته سائيٽ کي 10 ايم جي ڊي پاڻي فراهم ڪرڻ سان سائيٽ ڪراچي جي پاڻي جي ڪوٽ پوري ٿي ويندي. هن چيو ته حب وٽ پاڻي ذخيري کان والڪا اسپتال تائين واٽر سپلاءِ سسٽم ٺاهڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کانپوءِ سائيٽ ايريا ۾ موجود سسٽم کي ڪجهه حد تائين اپ گريڊ ڪيو ويندو. منصوبي تي لاڳت پڳ 2.4 ارب رپيا لاڳت ايندي. ان تي وڏي وزير ايم ڊي واٽر بورڊ کي اسڪيم جي سمري موڪلڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته هن چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته اها نئين اسڪيم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کان اجازت وٺي. صلاح الدين چيو ته صنعتڪارن پاران وڏي انگ ۾ غيرقانوني بور ٽاهيا ويا آهن جن مان 140 واٽر بورڊ رجسٽرڊ ڪيا ويا آهن ۽ باقي بورن جي رجسٽريشن جاري آهي. ان تي وڏي وزير ايم ڊي واٽر کي هدايت ڪئي ته هو جڙ جي پاڻي جي استعمال کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ميٽرز لڳائي ۽ مناسب اگهه مقرر ڪري لاڳاپيل صنعتڪارن کان اوڳاڙي شروع ڪري. هن چيو ته واٽر بورڊ جي صنعتي پاڻي جا ريٽ مختلف آهن جڏهن ته انڊر گرائونڊ واٽر جا اگهه جيڪي واٽر بورڊ اوڳاڙي ڪندو اهي مختلف هوندا. فائر فائٽرز: صنعتڪارن فائر فائائيٽنگ سسٽم جو مسئلو اٿاريو، سائيٽ وٽ پنهنجا فائر فائٽرز آهن ۽ ڪين 60 گيلن تي مشتمل واٽر ٽينڪ ناهيو آهي پر انکي ڀرڻ لاءِ پاڻي ناهي. ان تي وڏي وزير چيو ته فائر برگيڊ سسٽم لاءِ ملي پاڻي جي ضرورت ناهي. ان لاءِ گندو پاڻي به استعمال ڪري سگهجي ٿو هن سائٽ اينڊ صنعت کاتي کي صلاح ڏني ته گندي پاڻي جي صفائي لاءِ هڪ ننڍڙي اسڪيم ناهي. اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته هر سائيٽ تي فائر فائٽنگ سسٽم ناهيو ويندو. ڪراچي چيمبر جي نمائندن نشاندهي ڪئي ته ايس بي سي اي پاران عائشه منزل تي سڙيل عمارت کي صاف ڪرايو ويو آهي پر تنهن هوندي به ڪاروباري سرگرمين لاءِ بند ڪيو ويو آهي. وڏي وزير مڪاني ادارن واري سيڪريٽري منظور شيخ کي معاملو حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. گيس: صنعتڪارن وڏي وزير کي چيو ته ڪين آر ايل اين جي ته پر سنڌ صوبي ۾ پيدا ٿيندڙ قدرتي گئس فراهم ڪئي وڃي. ان تي وڏي وزير چيو ته هو وزيراعظم کي خط لکندو ته جيئن سنڌ کي قدرتي گئس ۾ ان جو جائز حصو ڏنو وڃي. مهراڻ هاءِ وي: صنعتڪارن جو چوڻ آهي ته مهراڻ هاءِ وي جي حالت خراب آهي. هن وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته ان جي بحاليءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. وڏي وزير چيئرمين پي اينڊ ڊي کي هدايت ڪئي ته هو اسڪيم جو جائزو وٺي ۽ جيڪڏهن اڃا تائين ان تي ڪم نه ٿيو آهي ته ان کي شروع ڪيو وڃي. اسلاميه ڪاليج فلائي اوور: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته اسلاميه ڪاليج روڊ تي فلائي اوور سست رفتاري سان تعمير ڪيو پيو وڃي. هن وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته انڊر پاس تعمير ڪرايو وڃي ته جيئن ان کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي جنهن سبب وڏو ٽريفڪ جام ٿئي ٿو ۽ اهو مسئلو حل ڪيو وڃي. وڏي وزير چيئرمين پي اينڊ ڊي کي هدايت ڪئي ته مسئلو حل ڪيو وڃي. بنيادي انفراسٽرڪچر جي ترقي: صنعتڪارن چيو ته سمورن سائيٽن جهڙوڪ ڪراچي، سپر هاءِ وي، نوري آباد ۽ ڪوٽڙيءَ جو انفراسٽرڪچر خراب حالت ۾ آهي. ان تي صنعت واري صوبائي وزير يونس ڍاڳا چيو ته هن لاڳاپيل سائيٽ جي ميمبرن تي مشتمل مانيٽرنگ ڪميٽيون جوڙيون آهن جيڪي انفراسٽرڪچر جي معيار، رفتار ۽ مناسب عملدرآمد جي نگراني ڪنديون. صنعتي علائقن جي خوبصورتي: وڏي وزير صنعتڪارن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي صنعتي يونٽن جي علائقن کي سرسبز پڪا رستا، اسٽريٽ لائيٽن ۽ ويهڻ لاءِ عوامي جڳهن تيار ڪري ترقي وٺرائڻ. صنعتڪارن، ڪي ايم سي، ٽائونن، ايس اي پي اي ۽ ٻين پاران تنگ نه ڪرڻ تي پنهنجي علائقن کي ترقي وٺرائڻ تي اتفاق ڪيو وڏي وزير صنعت کاتي کي هدايت ڪئي ته هو بيوٽيفڪيشن پلان تي عملدرآمد لاءِ صنعتڪارن جو خيال رکي. ان کان اڳ صنعت ۽ روينيو واري صوبائي وزير يونس ڍاڳا وڏي وزير کي صنعتڪارن جي مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ ڪين حل لاءِ کنيل قدمن بابت آگاهه ڪيو

بقايا سنڌيار 17

۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ٽنڊومحمدخان ضلعي اندر بدامني چوٽ چڙهيل آهي روزه مره چورين ڦورن ڌاڙا معمول بڻيل آهن جنهن سبب عوام جو جيئڻ جنجال بڻيل آهي خوف واري صورتحال ۾ مبتلا آهن پر هن سڄي ڪاروهوار کان نه رڳو پوليس لاتعلق بڻيل آهي پر عوام جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ بدران چورن ڌاڙيلن جي ساٿاري بڻيل آهي روزه مره جي ڏيتي ليتي تي ڌاڙي ماڻهون ٿاڻن تان آزاد ڪيا ٿا وڃن جيڪي عوام لا ناسور بڻيل آهن شهر اندر گاڏين جي چوري ڦورن مسڪين ماڻهن جو ڊور مال متاع ۽ جان محفوظ ناهي جنهن ۾ پوليس ڌاڙيلن جي ساٿاري بڻيل آهي ۽ ڪرپشن ۾ ملوث آهي پوليس عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ بجاءِ ڌاڙيلن کي تحفظ ڏئي رهي آهي ڪجهه ڏينهن اڳ جيئي سنڌ محاذ جي ڪارڪن علي نواز سولنگي جي حيدرآباد بس اسٽاپ دلبر هوٽل وٽان گاڏي چوري ٿي هئي جنهن جا سي سي ٽي وي فوٽيج هئڻ باوجود ڪرڏاد فرياد نه ڪيو ويو ۽ اسان جي ٻئي ڪارڪن يونٽ صدر ڪريم بخش خاصخيلي جي ڏينهن ڏٺي ڀرائي بس اسٽاپ تان موٽر سائيڪل چوري ڪئي وئي جنهن ۾ چورن جي سڃاڻپ ڪرڻ باوجود پوليس ڪو به ٻوٽو نه ٻاريو آهي چور آزاد گهمي رهيا آهن ويتر فريادي کي ڌمڪايو پيو وڃي نه رڳو ايترو پر شهر جا ماڻهون ڌاڙيلن بدمعاشن کان محفوظ ناهن جنهن جي اسان مذمت ڪريو ٿا هنن وڌيڪ چيو ته ٽنڊو محمد خان ضلعو تيل ۽ گيس سان مالا مال هجڻ ڪري هتي جي عوام بک بدحالي بيروزگاري جو شڪار آهي ماڻهون ٻن ويلن جي ماني نٽا کائي سگهن پيئڻ جو صاف پاڻي موجود ناهي، ماڻهون مختلف بيمارين ۾ وڪوڙيل آهن بک بدحالي جي گهٽتي جوڳي حالت آهي ۽ غذائي قلت جا ڪيس سامهون آيا آهن اهڙي صورتحال اسان لا فڪرمندي جي علامت آهي ماڻهن کي روزگار ناهي ترقياتي منصوبا ناهن تيل گيس جي رائلٽي جا فنڊ هڙپ ڪيا ٿا وڃن، تيل ڪمپنين مان ڪروڙن رپين جو تيل نڪري ٿو پر عوام اڄ به بک بدحالي بيروزگاري جو شڪار آهي جن خلاف جيئي سنڌ محاذ پاران مرحليوار احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي 14 ڊسمبر تي اسٽيشن روڊ کان احتجاجي ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس سامهون احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 18

هو ته رستي ۾ جمپ اچڻ سبب ٽرالي تان ڪري ٽائر هيٺان اچي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي واٽ گهٽتي جوڳي حالت ۾ سکر ڪٽائي ويا، جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو وارثن ٻڌايو ته نوجوان ٽريڪٽر ٽرالي تي مبارڪپور کان شادي جو سامان ڪٽائي ڳوٺ اچي رهيو هو ته رستي ۾ جمپ اچڻ ڪري ٽرالي تان هيٺ ڪري پيو ٽائر مٿان اچڻ سبب فوت ٿيو آهي. هوڏانهن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي اطلاع تي سندس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ ڏک جي لهر پکڙجي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 19

سان ڳالهائيندي حسين بخش ٿاريجي چيو ته ماضي ۾ به ڪجهه پارٽيون مڪاني چونڊن کان ڀڄي ويون ۽ عوام ۾ انهن کي ناڪامي نصيب ٿي ۽ عوام ۾ اهي ناڪام ٿي ويا هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ به پي پي مخالف اتحاد ٺهيا پر انهن کي ناڪامي نصيب ٿي عوام اهڙين پارٽين تي اعتماد نه ٿو ڪري. هن وڌيڪ چيو ته مختلف شهرن مان ماڻهو پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي رهيا آهن. عام چونڊن ۾ پي پي ملڪ مان وڏي اڪثريت سان سوپ حاصل ڪندي ۽ ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو سائين بخش بنگلاڻي چيو ته ڪورنگي ماضي ۾ دهشتگردن جي حوالي سان هو اڄ عوام پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪم ڏسي پارٽي ۾ شموليتون اختيار ڪري رهيا آهن

بقايا سنڌيار 20

عبدالغفار ملاح، غلام رسول وگهيو ۽ فضل حسين ڪلهوڙو شرڪت ڪئي. تلاوت نعت منقبت کان پوءِ سالياني چونڊ اجلاس براءِ سال 2024 جي ايجنڊا تي گفتگو ڪئي وئي، جنهن مطابق چونڊ پروگرام 23_12_2023 ڇنڇر تي مرڪز جامع مسجد سبحان دادو ۾ صوبائي عهديدارن جي صدارت هيٺ منعقد ٿيندو. ان جي انتظامات تي ويچاريو ويو ويو. برانچن معزز خلفاءِ علماءِ ۽ ر ط ج دادو کي دعوت ڏيڻ جي سلسلي ۾ لائحه عمل تيار ڪيو ويو. آخر ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ جي مرحوم سهري جي لاءِ ايصال ثواب جي دعا گهري، سندس سان عذرخواهي ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 21

علي اصغر چانڊيو ۽ 3 نامعلوم هٿيار بند گهر ۾ داخل ٿي اغوا ڪري مبينا زيادتي ڪئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڦل پوليس هڪ جوابدار گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته اڃان به اهم جوابدار ۽ ان سڄاڻل 3 جوابدار رهيل آهن ۽ پوليس انهن کي گرفتار ڪرڻ ۾ رستي ۾ ٻئي ڪري ٻئي پاسي ناري فرزانه ڌي عبدالواحد ڦل ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته مون کي 6 جوابدار گهر مان هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويا ۽ چانهه ۾ نشو ڏئي بيهوش ڪري زيادتي ڪئي ۽ پوليس هڪ ڏينهن اڳ مون کي بازياب ڪرائي مائٽن حوالي ڪيو آهي هن چيو ته مون سان انصاف ڪيو وڃي جڏهن ته مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت واس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ۽ اڳر 72 ڪلاڪن ۾ جوابدار گرفتار نه ٿيا ته اسان سپرهاءِ وي بلاڪ ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 22

ٿاڻي جي حد ٿانوري شاخ واٽر سپلاءِ پرسان جي علائقي جي رهواسڻ 25 ورهين جي عورت عائشه جي مڙس عبدالوهاب بليدي مبينا پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان گڏجي پنهنجي گهر واري عائشه جي مٿي جا وار ڪٽي تشدد ڪري تذليل جو نشانو بڻائي گهران ڪڍي ڇڏيو متاثر عورت عائشه بي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي پنهنجي مڙس مٿان اين سي داخل ڪرائي متاثر عورت عائشه جو چوڻ هو ته مون کي مڙس عبدالوهاب بليدي گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪرڻ تي مون کي گذريل رات جو ڪٽ سان ٻڌي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو هو ۽ صبح ٿيڻ سان مون مٿان تشدد ڪري مٿي جا وار ڪٽي تذليل ڪري گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي هن چيو ته منهنجي شادي کي 5 سال ٿي ويا آهن ۽ هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي جي اولاد آهي. هن ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مٿس تشدد ڪري تذليل ڪندڙ مڙس خلاف ڪاروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

خان چانڊيو، ارشد منگي سنڌ هائي ڪورٽ سکر ۾ وڪيل مڪيش ڪمار سان ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان کي 2007ع ۾ سڄي سنڌ مان 109 ايڪسائيز اسپيڪٽرز طور ڀرتي ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ نگران حڪومت آئي ۽ بيند لڳايو، جنهن ڪانپوءِ 2008ع ۾ عوامي حڪومت آئي ۽ اسان جو اهو عمل اڳ ئي مڪمل هو. جنهن کي رڪيوزيشن ڪميٽي رد ڪري ڇڏيو حڪومت کي درخواست ڏني، جنهن کان پوءِ اسان قائل رهجي وياسين ۽ جڏهن 2008ع ۾ حڪومت تبديل ٿي ته اسان هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي. جنهن ڪانپوءِ اسان جو ڪيس خارج ڪيو ويو جڏهن ته سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي جيڪا ڪجهه سالن تائين عدالت ۾ هئي. ان موقعي تي ايڊووڪيٽ مڪيش ڪمار ڪرڙا چيو ته سپريم ڪورٽ اسان جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي. ڊپارٽمينٽ کي جلد آرڊر ڏنو وڃي ۽ اسان قانون تي يقين رکون ٿا ته اسان کي حڪم ملندو.

بقايا سنڌيار 24

بدين آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. تفصيل موجب نگران حڪومت سنڌ جي صحت واري سيڪريٽري پاران انڊس اسپتال بدين جي بجيٽ روڪڻ خلاف ڊاڪٽرن ۽ ٻين سوين ملازمن احتجاجي مارچ ڪرڻ بعد ڊاڪٽر رضوان نظاماڻي، ڪاشف زنئور، واثق ميمڻ، نور دانش ۽ اميد علي چانگ تنزيل الرحمان ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڊي سي ۽ ايس ايس پي هائوس بدين آڏو ڌرڻو هڻي ست ڪلاڪ تائين بدين ڪراچي روڊ بند ڪري ڇڏيو. ڌرڻي ۾ شامل عورت ڊاڪٽرياڻي، نرسن ۽ ٻين ملازمن سخت نعري بازي ڪندي چيو ته انسان دشمن صوبائي سيڪريٽري صحت سنڌ انڊس اسپتال جي بجيٽ روڪي ڇڏي آهي جنهن ڪري 1200 سئو ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهارون نه مليون آهي. پگهارون نه ملڻ سبب دڪاندار اوڌر تي راشن نه ٿو ڏيئي ۽ خانگي اسڪولن ۾ ٻارن کي اسڪول انتظاميا بنا فيس جي اسڪول اچڻ نه ٿي ڏيئي. ڌرڻي ۾ شامل سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن امير آزاد پنهور، رام ڪولهي وڪيل، ولي محمد دلواڻي، حسين نظاماڻي، خليفي طارق ميمڻ، رشيد گوپانگ، ڊاڪٽر عباس شاهه، مشتاق حسين جمالي، جاويد ميندرو ۽ ٻين انڊس جي ملازمن جي ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڌرڻي جي اڳواڻي ڪندڙ ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ ڊاڪٽر رضوان نظاماڻي، ڪاشف زنئور، واثق ميمڻ ۽ ٻين اي ڊي سي 1 بدين سان ڳالهين کان انڪار ڪندي ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته جيستين ڊپٽي ڪمشنر بدين اسان کي لکت ۾ پاڻ اچي يقين دهاني نه ڪرائيندو ايستين ڌرڻو جاري رهندو ست ڪلاڪ ڌرڻي بعد ڊي ايڇ او بدين ڊاڪٽر ذهير ميمڻ ۽ اي ڊي سي 1 بدين جاويد ڏاهري ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري ڪين يقين ڏياريو ۽ چيو ته سيڪريٽري صحت سنڌ ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ سان ڳالهه ٿي آهي جن ٻن ڏينهن اندر بجيٽ جاري ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي. ڊاڪٽر ظهير ميمڻ چيو ته ٻه ڏينهن مهلت ڏيو، بجيٽ جاري نه ٿي ته هو به ساڻن گڏجي احتجاج ۾ شامل ٿيندو ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻن چيو ته ٻن ڏينهن ۾ پگهارون جاري نه ٿيون ته ٽن ڏينهن بعد ٽرڪول روڊ بند ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 25

وانگر سکر ۾ به سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري ڪاتي جي سهڪار سان ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف هيومن رائيٽس ڊپارٽمينٽ سکر جي سهڪار سان هڪ آگاهي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف هيومن رائٽس ڊپارٽمينٽ سکر جي آفيسرن ۽ ملازمن، ضلعي انتظاميا جي آفيسرن، مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شريڪ ماڻهن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنيل هئا جن تي امن جي قيام لاءِ لکيل پلي ڪارڊ هئا. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سکر فلڪ ناز راڻو، سماجي اڳواڻ شائسته ڪوسو چيو ويو ته اڄ سڄي دنيا ۾ انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي پر ڪشمير ۾ انسانيت جي توهين جو سلسلو اڃا تائين جاري آهي، شرڪت ڪندڙن وڌيڪ چيو ته گڏيل قومن کي ڪشميرين تي ٿيندڙ ظلم جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مسلمانن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن چيو ته سمورن ادارن کي رياست جي انساني حقن جو احترام ڪرڻ گهرجي. انسانن کي سندن بنيادي حق فراهم ڪرڻ اُن جي ذميواري آهي. انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ آهي سڄي دنيا ۾ انسانن کي باعزت مقام ڏيڻ جو مثبت پيغام موڪليو. ان موقعي تي ڊائريڪٽوريٽ آف هيومن رائيٽس سکر جي آفيسرن چيو ته انساني حقن جي تنظيم پاران هرسال انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي ته جيئن سماج ۾ انساني حقن جي فراهمي بابت شعور اجاگر ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 26

هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي، واٽر ڪارپوريشن هڪ نئين عزم ۽ نئين سجاڳ سان شهرين جي خدمت لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي انڪري واٽر ڪارپوريشن کي پوري اميد آهي ته شهر جا سمورا اسٽيڪ هولڊر واٽر ڪارپوريشن جي روينيو کي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا ته جيئن واٽر ڪارپوريشن شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سان ملاقات دوران ڪيو. اجلاس ۾ واٽر ڪارپوريشن جي سمورن چيف انجنيئرن سميت مختلف ٽائونن جي چيئرمين، وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلرن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي مختلف ٽائون جي چيئرمين واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن کي پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مسئلن کان آگاهي ڏيندي چيو ته سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن. چونڊيل عوامي نمائندن مختلف علائقن ۾ گندي پاڻي جي نيڪالي جي مسئلن کان آگاهه ڪندي چيو ته سمورن کليل مين هولز کي ڍڪيو وڃي ۽ پاڻي جي لائينن ۾ موجود سمورن ليڪيجز جو خاتمو آندو وڃي ته جيئن شهر مان پاڻي جي ڪوٽ ختم ٿي سگهي چاڪاڻ ته اهيا ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ذميواري آهي. سي او واٽر ڪارپوريشن پاران عوامي نمائندن کي سمورين شڪايتن جي فوري حل جو يقين ڏياريندي چيو ته شهر جي سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان گڏجي ڪري سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون چاڪاڻ ته شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ شهر جي سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان گڏجي اڳتي وڌنداسين ۽ انشاءالله ايندڙ وقت ۾ سڀني کي واضح فرق نظر ايندو. هن چيو پاڻي جي چوري ۽ انکي ضايع ٿيڻ کان روڪڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي. پاڻي قدرت جي هڪ وڏي نعمت آهي انڪري ان جو ضايع يا چوري ٿيڻ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه آهي چاڪاڻ ته پاڻي تي صرف شهرين جو حق آهي جنهن تي ڪنهن کي به ڏاڙو هڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن جو وڌيڪ چوڻ هو واٽر ڪارپوريشن هڪ نئين عزم ۽ نئين سجاڳ سان شهرين جي خدمت لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهي آهي ته جيئن شهرين کي ڪنهن پريشاني کي منهن ڏيڻو نه پوي.

بقايا سنڌيار 27

رشيد آزاد، محمد سومرو، ڪامريڊ عزيز سومرو، عمر سومرو، ڪامريڊ شوڪت سومرو، صالح محمد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهرين ۽ ڳوٺاڻن دڙو ۽ رتا ۾ منشيات جي وڌندڙ آزار خلاف دڙو پنون روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان کان اڳ اڳواڻن دڙو ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي هنن چيو ته ڪجهه وقت اڳ سجاول جي ايس ايس پي شهلا قريشي ڳوٺ رتا سومرو ۾ کليل ڪچهري دوران منشيات جي مڪمل ختم ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو پر پوليس ڪاتي ۾ موجود ڪارين رڍن ان کي ناڪام ڪرڻ ۾ رڌل آهن. هنن اعلان ڪيو ته تحريڪ جي پهرئين مرحلي ۾ تاريخ 17 ڊسمبر تي دڙو شهر ۾ منشيات خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي ويندي جڏهن ته ان جي ٻئي مرحلي ۾ ڊي ايس پي ميرپوربٺورو ۽ آخر ۾ ايس ايس پي آفيس سجاول آڏو اڻ اعلانيل ڌرڻو پڻ هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 28

ڪي مٿي ۽ ٻانهن ۾ ڌڪ لڳا. جڏهن ته معجزاتي طور ڪيترائي صحافي حادثي کان بچي ويا. پريس ڪلب جي عمارت جي پريس ڪانفرنس هال گذريل 18 سال اڳ ضلعي جي اڳوڻي ناظر مرحوم مير عنايت علي ٽالپر جي دوري اقتدار ۾ عمارت جو تعميرات ڪرايو ويو هو جنهن جي بعد عمارت جي تعميرات جو ڪم سنڌ سرڪار توڙي اڳوڻي وفاقي سرڪار طرفان نه ڪرائڻ جي ڪري عمارت جي حالت زبون بڻيل هئي. ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي صدر مظفر رند، جنرل سيڪريٽري امتياز مگريو، يونين آف جرنلسٽ جي صدر ذوالفقار چانڊيو ۽ ٻين مطالبو ڪيو آهي ته ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي عمارت جو 18 سال اڳ تعميراتي ڪم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪو به تعميراتي ڪم نه هجڻ ڪري عمارت مڪمل زبون حالت جو شڪار آهي جنهن جو نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي نوٽيس وٺڻ گهرجي. ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب سنڌ صوبي جي 50 سال کان وڌيڪ سالن جي تاريخ سان واڳيل پريس ڪلب جي عمارت رهي آهي جنهن ۾ سنڌ جا ناليوارا اڳوڻا صحافي هن عمارت ۾ سنڌ جي صحافت جا فرائض انجام ڏئي چڪا آهن جنهن ۾ ڪيترائي جهونا صحافي هاڻي هن دنيا ۾ حيات نه رهيا آهن پر پريس ڪلب جي عمارت جي تعميراتي ڪم نه هجڻ جي ڪري سندن نالن سان پريس ڪلب ۾ ڪو به آڊيٽوريم هال يا ٻيو ڪو هال سندن نالي سان منسوب نه ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 29

۾ حق پرست نامزد اميدوار همايون عثمان ۽ ملڪ فياض ڪارڪنن چرنڊ مهم ۾ مصروف هئا جو پيپلز پارٽي جي دهشت گردن مقامي عهديدارن جي اڳواڻي ۾ خالي هٿ ڪارڪنن تي گوليون هلايون، حملي جو مک ملزم نثار خان آهي جيڪو قادر پٽيل جو ڪوآرڊينيٽر ۽ پ پ جو عهديدار آهي. عمران قائمي وڌيڪ چيو ته هٿيار بند حملي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جا ڪئين ڪارڪن زخمي ٿيا. جڏهن ته ٽي ڄڻا شهيد ٿيا. شهيد ٿيندڙن ۾ سراج الاسلام، عبدالسلام، معبود شامل آهن. زخمي ڪارڪنن کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. عمران قائمي نگران وزير اعظم پاڪستان انوارالحق ڪاڪڙ ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير کان مطالبو ڪيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي انتخابي دفتر تي حملو ڪري ٽن ڪارڪنن کي شهيد ۽ ڪافي ڪارڪنن کي زخمي ڪرڻ وارن پيپلز پارٽي جي دهشتگردن کي گرفتار ڪري قانون مطابق سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 30

جا نالا عاريان، يوسف، شهزاد، ربڏنو خميسو گندرو 2 ٻيا مسافر شامل آهن ٻڌايو پيو وڃي ته مسافر بس ڪراچي وڃي رهي هئي ته بس جو بريڪ فيل ٿيڻ ڪري بس ڀوئين پاسي کان اڳيان ويندڙ ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ٻار ۽ هڪ عورت سميت پنج مرد زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ٻار ۽ عورت سخت زخمي ٻڌايا پيا وڃن جن جي حالت انتهائي نازڪ ٻڌائي پئي وڃي ياد رهي ته درگاهه محمد علي وٽ مختلف وقتن تي اڪثر ايڪسيڊينٽ ٿيندا رهن ٿا جڏهن ته حڪومت پاران مسافر وينن ۽ بسن جي انسپيڪشن نه ٿيڻ ڪري ايڪسيڊنٽس معمول بڻيل آهن جنهن جي ڪري مسافر بسن ۽ وينن ۾ سفر ڪندڙ سجاول، لنڊو، بدين ۽ ٺٽو واسين جون جانيون هر وقت داءُ تي لڳل هجن ٿيون

بقايا سنڌيار 31

ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان پنهنجي رضا خوشي ۽ مرضي سان نوشهرو فيروز جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪيو آهي جنهن تي مهنجا مائيٽ پاڻ سوٽ ۽ ماسات وسيم، تعيم، فراز سلمان سف الله، شاهنواز، غلام مصطفيٰ، محمد صديق منهنجا ۽ مهنجي مڙس جا جان جا ويري بڻجي ويا آهن جن مان اسان کي جان جو خطرو آهي هو ساهرن مٿان ڪوڙا ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن مونکي مهنجي مڙس ۽ ان جي مائٽن کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا مائٽ هوندا مونکي نه ڪنهن اغوا ڪيو نه ورغلايو آهي، هنن چيف جسٽس آف پاڪستان آئي جي سنڌ ايس ايس پي عمرڪوٽ ايس ايڇ او عمر کي اپيل ڪندي چيو ته تحفظ ڏئي حياتيون بچايون وڃن.

بقايا سنڌيار 32

سنڌ بارڪائونسل ارباب علي چانڊيو، عمرالدين پنهور، عبدالڪريم لهراڻي، اڪرم علي ميمڻ، ساگر سهيل منگي، شڪيل جرڪيو، نثار علي ملاح، فاروق ڏنگراچ ۽ ٻين وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب کي خطاب ڪندي عبدالستار لهراڻي چيو ته اسان جي خاندان سدائين وڪيل پائرن لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ اسان سدائين ڪاري ڪوٽ جي بقا پلائي لاءِ ڪم ڪيو ۽ ڪندا رهنداسين اسان لاءِ سڀ وڪيل پنهنجي خاندان مسل آهن اسان سدائين وڪيلن جي عزت خاطر هر جاگيردار وڏيري توڙي عامر جابر سان مهاڏو اٽڪايو آهي پنهنجي جان مال جي پرواهه ڪرڻ اسان ناهيو سکيا

بقايا سنڌيار 33

محمد سومار جوڻيجو عبدالڪريم بجير، انور جمالي ۽ ٻين ڀهڊمي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري عوامي پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تعمير لاءِ سنڌ سرڪار پئسا جاري ڪري ڇڏيا آهن پر اين آر ايس پي اينجوز جو ڪريٽ ڊسٽرڪٽ مينيجر غفار ڪوڪر هڙپ ڪري رهيو آهي متاثر گهر نه هئڻ ڪري سردي ۾ کلي آسمان هيٺ ويٺل آهن هنن وڌيڪ چيو غفار ڪوڪر لائيو اسٽاڪ ڪاتي ۾ پڻ اڍائي ڪروڙ جي ڪرپشن ڪري غريبن جي حقن تي ڌاڙو هنيو آهي هنن ڊي سي بدين سيشن جج بدين ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو غريب ٻوڏ متاثرن جا گهر تعمير ڪرايا وڃن ۽ غفار ڪوڪر خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 34

جي اٿهوند بابت شڪايتون ڪيون جڏهن ته سماجي تنظيم جي سهڪار سان هلندڙ چائلڊ فرينڊلي اسپيس سيف شلٽر ۾ موجود ڳوٺائي عورتن ڏانهيو ته ٻوڏ بعد مختلف بيمارين ۾ هو مبتلا ٿي ويا آهن سندن جا معصوم سوين ٻارڙا مختلف چمڙي جي بيمارين، ارڙي مليريا، ڪنگهه، بخار ۾ مبتلا آهن صحت کاتي پاران ڪابہ ٽيم نه پهتي آهي. ان موقعي تي چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر سيد هدايت علي شاهه جو چوڻ هو ته اسڪولن ۾ سهولتن جي اٿهوند بابت ۽ ٻارڙن ۾ مختلف بيمارين هجڻ بابت هو اختيارن کي لکندو ۽ اهڙي رپورٽ چائلڊ پروٽيڪشن آٿارٽي ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو کي پڻ ڏيندا، جڏهن ته ان موقعي تي سماجي تنظيم آئي آر سي جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر شعيب احمد گوپانگ قائم ڪيل چائلڊ فرينڊلي اسپيس سيف شلٽر بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٻوڏ بعد هتان جا ٻارڙا ذهني پريشانين جي ور چڙهي ويا هئا ۽ تعليم کان پڻ محروم بڻجي ويا هئا، سندن ڪوشش هئي ته ڳوٺ جي ٻارڙن کي بهتر ماحول ڏجي ۽ انهن کي ٻارن جي حقن بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ راند روند ۽ اسڪولن ۾ داخلا ڪرائي وڃي ته جيئن ٻارڙا بهتر تعليم حاصل ڪري سگهن. گذريل ڪجهه ٿي مهينن ۾ ڳوٺ جي ٻارڙن کي اسڪولن اندر آندو آهي. هن چيو ته ننڍي عمر جي شادي جي روڪٿام، ٻارڙن تي جنسي، جسماني تشدد بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي. جڏهن ته ان موقعي تي ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم سي آر سي جو ڪوآرڊينيٽر نياز چانڊيو، سماجي اڳواڻ اشفاق احمد لنڊ، آصف رضا پنهور، الطاف عباسي، آصف عباسي، زبير ميمڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 35

ته واٽر بورڊ پاران صنعتڪارن کي فراهم ڪيل ملي پاڻي جا چارج مختلف آهن ۽ ٻئي اڳهه صنعتي آهن. هن صنعتڪارن تي زور ڀريو ته هو پاڻي چوري جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن جڏهن ته واٽر بورڊ پنهنجي صنعتي يونٽن کي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائيندو. وڏي وزير چيو ته سندس حڪومت صوبي ۾ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ چاهي ٿي جنهن لاءِ ٺوس قدم کنيا پيا وڃن ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن صنعتڪار انسپيڪشن لاءِ پنهنجو سهڪار وڌائي حڪومت جا هٿ مضبوط ڪندا ۽ وڌيڪ چيو ته سمورن سائيٽن جو بنيادي انفراسٽرڪچر لاڳاپيل ايسوسي ايشنز جي نگراني ۾ تيار ڪيو پيو وڃي. اڳاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير صنعت ۽ روينيو وزير يونس ڍاڳا، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنيجو، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو زاهد عباسي، سيڪريٽري نائو ڪاظم جتوئي، سيڪريٽري بلديات منظور شيخ، سيڪريٽري صنعت، ايم ڊي واٽر بورڊ، ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند ۽ ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته صنعتڪارن ۾ زبير موتي والا، ميان زبير، جاويد بلواڻي، سليمان وساڻ چاولا، ڪامران عربي، مجيد عزيز ۽ ٻيا شامل هئا. صنعتڪارن پاڻي جي ڪوٽ، شاپنگ سينٽرن ۾ باهه لڳڻ جا واقعا، چام صادق پل جي خراب صورتحال، اسلاميه ڪاليج ۾ فلائي اوور جي تعمير ۽ صنعتي يونٽن کي پاڻي ۽ قدرتي گئس جي فراهمي جهڙا مسئلا وڏي وزير آڏو اٿاريا. وڏي وزير صنعتڪارن سان هر مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ لاڳاپيل کاتي جي سيڪريٽري کان ڪين حل طلب ڪيو. پاڻي جي ڪوٽ: وڏي وزير پاڻي جي ڪوٽ بابت ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه صنعتي يونٽ واٽر بورڊ جي لائينن مان سڌو سنئون پاڻي چوري ڪري رهيا آهن. هن چيو ته هي انتهائي سنگين مسئلو آهي تنهنڪري واٽر بورڊ سندن ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيا آهن. ۽ واٽر بورڊ کان مطالبو ڪيو ته درخواست ڏيندڙ صنعتي يونٽن کي پاڻي جو ڪنيڪشن فراهم ڪيو وڃي. ايم ڊي واٽر بورڊ صلاح الدين وڏي وزير کي ٻڌايو ته ڪين پاڻي جي ڪنيڪشن لاءِ 100 درخواستون مليون آهن ۽ نوان ڪنيڪشن ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. هن چيو ته سائيٽ کي 10 ايم جي ڊي پاڻي فراهم ڪرڻ سان سائيٽ ڪراچي جي پاڻي جي ڪوٽ پوري ٿي ويندي. هن چيو ته حب وٽ پاڻي ذخيري کان والڪا اسپتال تائين واٽر سپلاءِ سسٽم ٺاهڻ جي ضرورت آهي ۽ ان کانپوءِ سائيٽ ايريا ۾ موجود سسٽم کي ڪجهه حد تائين اپ گريڊ ڪيو ويندو. منصوبي تي لاڳت پڳ 2.4 ارب رپيا لاڳت ايندي. ان تي وڏي وزير ايم ڊي واٽر بورڊ کي اسڪيم جي سمري موڪلڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته هن چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته اها نئين اسڪيم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کان اجازت وٺي. صلاح الدين چيو ته صنعتڪارن پاران وڏي انگ ۾ غيرقانوني بور ٽاهيا ويا آهن جن مان 140 واٽر بورڊ رجسٽرڊ ڪيا ويا آهن ۽ باقي بورن جي رجسٽريشن جاري آهي. ان تي وڏي وزير ايم ڊي واٽر کي هدايت ڪئي ته هو جڙ جي پاڻي جي استعمال کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ميٽرز لڳائي ۽ مناسب اگهه مقرر ڪري لاڳاپيل صنعتڪارن کان اوڳاڙي شروع ڪري. هن چيو ته واٽر بورڊ جي صنعتي پاڻي جا ريٽ مختلف آهن جڏهن ته انڊر گرائونڊ واٽر جا اگهه جيڪي واٽر بورڊ اوڳاڙي ڪندو اهي مختلف هوندا. فائر فائٽرز: صنعتڪارن فائر فائائيٽنگ سسٽم جو مسئلو اٿاريو، سائيٽ وٽ پنهنجا فائر فائٽرز آهن ۽ ڪين 60 گيلن تي مشتمل واٽر ٽينڪ ناهيو آهي پر انکي ڀرڻ لاءِ پاڻي ناهي. ان تي وڏي وزير چيو ته فائر برگيڊ سسٽم لاءِ ملي پاڻي جي ضرورت ناهي. ان لاءِ گندو پاڻي به استعمال ڪري سگهجي ٿو هن سائٽ اينڊ صنعت کاتي کي صلاح ڏني ته گندي پاڻي جي صفائي لاءِ هڪ ننڍڙي اسڪيم ناهي. اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته هر سائيٽ تي فائر فائٽنگ سسٽم ناهيو ويندو. ڪراچي چيمبر جي نمائندن نشاندهي ڪئي ته ايس بي سي اي پاران عائشه منزل تي سڙيل عمارت کي صاف ڪرايو ويو آهي پر تنهن هوندي به ڪاروباري سرگرمين لاءِ بند ڪيو ويو آهي. وڏي وزير مڪاني ادارن واري سيڪريٽري منظور شيخ کي معاملو حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. گيس: صنعتڪارن وڏي وزير کي چيو ته ڪين آر ايل اين جي ته پر سنڌ صوبي ۾ پيدا ٿيندڙ قدرتي گئس فراهم ڪئي وڃي. ان تي وڏي وزير چيو ته هو وزيراعظم کي خط لکندو ته جيئن سنڌ کي قدرتي گئس ۾ ان جو جائز حصو ڏنو وڃي. مهراڻ هاءِ وي: صنعتڪارن جو چوڻ آهي ته مهراڻ هاءِ وي جي حالت خراب آهي. هن وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته ان جي بحاليءَ جو بندوبست ڪيو وڃي. وڏي وزير چيئرمين پي اينڊ ڊي کي هدايت ڪئي ته هو اسڪيم جو جائزو وٺي ۽ جيڪڏهن اڃا تائين ان تي ڪم نه ٿيو آهي ته ان کي شروع ڪيو وڃي. اسلاميه ڪاليج فلائي اوور: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته اسلاميه ڪاليج روڊ تي فلائي اوور سست رفتاري سان تعمير ڪيو پيو وڃي. هن وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته انڊر پاس تعمير ڪرايو وڃي ته جيئن ان کي جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي جنهن سبب وڏو ٽريفڪ جام ٿئي ٿو ۽ اهو مسئلو حل ڪيو وڃي. وڏي وزير چيئرمين پي اينڊ ڊي کي هدايت ڪئي ته مسئلو حل ڪيو وڃي. بنيادي انفراسٽرڪچر جي ترقي: صنعتڪارن چيو ته سمورن سائيٽن جهڙوڪ ڪراچي، سپر هاءِ وي، نوري آباد ۽ ڪوٽڙيءَ جو انفراسٽرڪچر خراب حالت ۾ آهي. ان تي صنعت واري صوبائي وزير يونس ڍاڳا چيو ته هن لاڳاپيل سائيٽ جي ميمبرن تي مشتمل مانيٽرنگ ڪميٽيون جوڙيون آهن جيڪي انفراسٽرڪچر جي معيار، رفتار ۽ مناسب عملدرآمد جي نگراني ڪنديون. صنعتي علائقن جي خوبصورتي: وڏي وزير صنعتڪارن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي صنعتي يونٽن جي علائقن کي سرسبز پڪا رستا، اسٽريٽ لائيٽن ۽ ويهڻ لاءِ عوامي جڳهن تيار ڪري ترقي وٺرائڻ. صنعتڪارن، ڪي ايم سي، ٽائونن، ايس اي پي اي ۽ ٻين پاران تنگ نه ڪرڻ تي پنهنجي علائقن کي ترقي وٺرائڻ تي اتفاق ڪيو وڏي وزير صنعت کاتي کي هدايت ڪئي ته هو بيوٽيفڪيشن پلان تي عملدرآمد لاءِ صنعتڪارن جو خيال رکي. ان کان اڳ صنعت ۽ روينيو واري صوبائي وزير يونس ڍاڳا وڏي وزير کي صنعتڪارن جي مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ ڪين حل لاءِ کنيل قدمن بابت آگاهه ڪيو

بقايا سنڌيار 36

جي احتجاج باوجود متاثر نياڻي جوبدار ٻالاثر ٻٽيل سندن گرفتاري نه ٿي خبر موجب ڪجهه ڏينهن پهريان فاران شگر ملز ڪالوني اندر گهر ۾ ڪم ڪندڙ 14 ورهين جي ناري گل بانو ولد محمد بخش خاصخيلي کي گهر ڌڻي علي بلوچ پاران ناري مطابق نشو ڏئي زيادتي ڪئي وئي جنهن جي خبر سوشل ميڊيا ته هلڻ ڪانپوءِ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سليم شاهه پاران فورن نوٽيس ورتو ۽ آئي ٽيم تشڪيل ڏني وئي ان ۾ ڊي ايس پي سٽي ٽنڊو محمد خان آغا عبدالمجيد پٺاڻ ايس ايڇ او عبدالعزيز ڪوسو ايس ايڇ او وومين روزينا ملاح سب انسپيڪٽر ضمير ناريجو کي سختي سان هدايت ڪئي ته فل فور ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ناري جو ميڊيڪل ڪرايو وڃي آن ڪانپوءِ ايس ايڇ او وومين بروقت ناري جو ميڊيڪل ڪرائي جزا ليبارٽري موڪليا ويا ۽ فل فور ناري سان زيادتي جي الزام هيٺ علي بلوچ ۽ سندس صحرلتڪار سندس زال شاهين تي ايف آئي آر وومين ٿاڻي تي ناري جي والد جي فرياد تي داخل ڪئي وئي ان دوران ايس ايڇ او وومين روزينا ملاح موقف اختيار ڪندي چيو ته ايف آئي آر درج ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدارن خلاف مسلسل ڇاپا هنيا پيا وڃن جلد ناري سان زيادتي جي الزامي ذوليخان سهتو فائونڊيشن سوشل ورڪر رضيا سهتو پڻ ان موقعي تي ناري ۽ سندس وارثن جو هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي ۽ ٻئي ڏينهن متاثر ناري سان ٿيندڙ ظلم زيادتي جي الزام هيٺ آيل جوابدران ۽ سندن صحرلتڪار ملز انتظاميا کي ايف آئي آر ۾ شامل نه ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف شيخ پرڪيو فاران شگر ملز گيٽ آڏو سنڌ هاري ڪميٽي نيدي آئيز سماجي تنظيم ذوليخان سهتو فائونڊيشن ۽ ووڪيل برادري پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ذوليخان فاؤنڊيشن جي چيئرپرسن رضيا سهتو نيدي آئيز اڳواڻ زاهد حسين جسڪاڻي نالي واري وڪيل ڙ ناري جي مائٽن کي روڪيو ويو قانوني آئيني سپورٽ هر وقت مهيا ڪنداسين ۽ سندن مدد ڪنداسين ۽ متاثر نياڻي سان انصاف فراهم ملڻ تائين سندن سان هر ممڪن سهڪار رهندو ان موقعي تي مظاهرين آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين کان پرزور مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته فاران شگر ملز جي مختيار لغاري کي به ايف آئي آر ۾ شامل ڪري ۽ زيادتي جي الزام هيٺ آيل علي بلوچ ۽ سندس صحرلتڪار زال کي فل فور فور گرفتار ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ملز گيٽ آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ان موقعي تي ايڊوڪيٽ احتشام جت سوشل ورڪر مسلم لغاري ساجد سنڌي ۽ ٻيا پڻ مظاهري ۾ شريڪ هئا

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

ABC Certified
Reg No 2677
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com